سنڌي

ناول

# المنظر تي آئون اڪيلو

رائيٽر

جاويد راهي

ايڊيٽنگ مسرور سيال 03093401651

**ڪتاب جو نالو:** المنظر تي آئون اڪيلو

**موضوع:** ناول

**ليکڪ:** جاويد راهي

**ڪمپوزنگ:** مسرور سيال

**Jawedahmed344@gmail. Com**

# ارپنا

.اُنهن سيني لاءِ،
جيڪي محبت ۾ سچي رهيا، پر مڪمل نه ٿي سگهيا
جن جي ساٿ ڇُٽي ويو، پر يادون رهجي ويون
جن جي اکين آڏو خواب ٽُٽي پيا، پر دل اڃا به ڌڙڪندي رهي
۽ خاص طور تي، اُن "شهزادي" لاءِ،
جنهن سان پيڇي نه سگهندي ڪا ٻي محبت
۽ جنهن جي آخري پڙڪ، ڪنهن جي سموري دنيا ويران ڪري ڇڏي

**مهاڳ**

محبت، جڏهن دل جي گهرائين ۾ چمي وڃي ته پوءِ اها صرف رشتي تائين محدود نه رهي ٿي اها ساهه بڻجي دل ۾ وسامي پوي ٿي، خيال بڻجي ذهن ۾ گونجي ٿي، ۽ ياد بڻجي روح سان ڳنڍجي وڃي ٿي.

المنظر تي آيون اڪيلو اهڙي ئي هڪ دردناڪ محبت جي ڪهاڻي آهي، جيڪا پڙهندڙن جي دل " کي ڇهي وڃي ٿي. اها ڪهاڻي رڳو ٻن ماڻهن جي ملاقات، محبت ۽ وڇوڙي جي نه آهي، پر اها انهن اڻپوري لمحامن جي گواهي آهي، جيڪي جيئڻ دوران امر بڻجي وڃن ٿا.

هتي نه فقط انيلا جي شخصيت جي کوج، پر "مان" جي بيبسي، انتظار، ۽ اندروني چڪتاڻ جو نقش به ڏسي سگهجي ٿو. جيئن جيئن ڪهاڻي اڳتي وڌي ٿي، پڙهندڙ پاڻ کي المنظر جي هوا ۾، انيلا جي آخري لفظن ۾، ۽ "شهزادي" سڏ جي درد ۾ ڳولڻ لڳي ٿو.

هي ڪهاڻي انهن دلين لاءِ آهي، جيڪي محبت ۾ سچا هئا، پر تقدير ڪين پورو ٿيڻ نه ڏنو. انهن پلن لاءِ آهي، جيڪي ڪنهن جي اچڻ جي آس ۾ امر بڻجي ويا.

توهان جي هٿن ۾ موجود هي لفظ، صرف لفظ نه، پر انهن ڳوڙهن جا قطرا آهن، جيڪي هڪ وڇڙي ويل پيار جي قبر تي وسيا ويا.

**ساگر اياز کوسو**

# پنهنجي پاران

زندگي جا ڪي لمحا اهڙا به ٿين ٿا، جيڪي پل وانگر گذري وڃن ٿا، پر پوءِ به ساهه، سوچ، ۽ سموري وجود تي ڇانيل رهجي وڃن ٿا. "المنظر تي آيون اڪيلو به اهڙي ئي هڪ گهڙيءَ جي اڻپوري گونج آهي، جيڪا لفظن ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هي ڪهاڻي مون لاءِ رڳو ڪا افسانوي تخليق نه، پر هڪ جذباتي سفر آهي. اهڙو سفر، جتي لفظ دل مان نڪري سوگهو ٿيا، جتي منظر خيالن ۾ نه پر دل جي ساهن سان اُڪريل آهن. انيلا، فقط ڪردار ناهي، بلڪه هڪ احساس آهي، هڪ انڌاري جي روشني آهي، جيڪا وسامي به نه ٿي، ۽ وساري به نه ٿي سگهجي.

مون ان لمحياتي محبت، ان دردناڪ وڇوڙي، ان بي وسي ۽ داخلي جنگ کي لفظن ۾ ڳنڍڻ جي پوري ايمانداري سان ڪوشش ڪئي آهي. مون چاهيو ته پڙهندڙ فقط پڙهن نه، پر ان منظر ۾ پاڻ کي محسوس ڪن. هو المنظر جي وٽن هيٺان بيهي انيلا جي چهري جي زردي ڏسن، سندس آڪسيجن ماسڪ پري ساهه وٺڻ جي ڪوشش محسوس ڪن، ۽ سندس آخري ڀِٽڪ کي دل تي لکن جيئن مان محسوس ڪيو.

هي داستان انهن لاءِ آهي، جن محبت ڪئي، پر پوري نه ٿي سگهي؛ جن پيار ڪيو، پر ساٿ نه مليو؛ ۽ جن ڪنهن کي وسارڻ چاهيو، پر وساري نه سگهيا.

مون هي لفظ ان لاءِ لکيا آهن، جيڪي خاموش بيهي ڪنهن الوداع جي سڏ کي وساري نٿا سگهن، جيڪي هر گذرندڙ هوا ۾ ڪنهن جي خوشبو محسوس ڪن ٿا، ۽ جيڪي پنهنجي اندر جي ٽٽڪڙن کي لفظن سان جوڙي، دل کي هلڪو ڪرڻ چاهين ٿا.

"المنظر تي آيون اڪيلو جي هر سٽ، هر ساهه، ۽ هر منظر ۾ منهنجو پنهنجو پاڻ، منهنجي دل، منهنجو درد سمايل آهي.

هي ڪتاب اوهان جي هٿن تائين پهچڻ، منهنجي لاءِ فقط هڪ ليکڪ هجڻ جو تجربو نه آهي، بلڪه اوهان سان پنهنجو اندر ورهائڻ جي جرئت به آهي.

**جاويد راهي**

# المنظر تي آئون اڪيلو 01

دوست کي ڏک لڳڻ جي ڪري ڄامشورو لمس اسپتال ۾، تنهن دوست سان رهيل هيس. اتي منهنجا ڪلاس ميٽ به سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهندا هئا.

پوءِ اتي انهن سان به ملڻ ٿيندو هو. اڪثر شام جي پهر، هوٽل تي ويهي گڏ چانهه به پيئندا هئاسين.

ڪڏهن ڪڏهن يونيورسٽي گهمائڻ لاءِ به وٺي ويندا هئا. سنڌ يونيورسٽي پهرين چڪر مون انهن دوستن سان گڏ ڏٺي هئي. مگر سائين، اندر وڃڻ کان پوءِ خبر پيئي ته واقعي ورسٽي، ورسٽي آهي.

اندر وڏو ماحول ٺهيل آهي، جنهن ۾ ڪينٽن، ڪاڏي پيتي جون سڀ شيون موجود هيون.

وڏي ڳالهه ته چوڪرا چوڪريون گڏ ويهي ڪاڏو ڪائي رهيا هئا. ڪي ته چوڪريون چوڪرن کي پنهنجي هٿن سان کارائي رهيون هيون.

مطلب اهو ماحول مون سري عام پهرين چڪر ۾ ڏٺو هو، تنهن ڪري مونکي وڏو عجيب لڳو.

مگر مون واري يار زبير کان پڇا ڪيم، جنهن ٻڌايو ته هتي اهو روز جو سلسلو هلندڙ آهي، اها ڪا نئين ڳالهه ناهي.

خير، وڏي تعجب به ٿيم، پر زبير چيو اهو روز جو معمول بڻيل آهي. ته مون به ڏٺي اڻ ڏٺي ڪري ڇڏي.

ٻي ڏينهن آچر جو ڏينهن هو. زبير چيو ته سڀاڻي هلون المنظر تي گهمڻ.

مون چيو ڀلي، هلو، چو ته اسپتال جي ماحول مونکي به چڙ ته بور ڪري ڇڏيو هو.

تنهن ڪري شهزادن سان نڪري پيس المنظر جي سير تي.

ٻي ڏينهن آچر جي ڏينهن المنظر جي سير تي نڪتاسين, شام جو خوبصورت پهر, ڄامشوري جون ٿڌڙيون هوائون ..

. تنهن خوبصورت پهر ۾ المنظر گهمڻ وٽان هوندو آهي, شام جي پهر وڏي رش ٿيندي آهي

ماڻهون سينگاريل ٻيڙن تي چڙهي پاڻي جو سير ڪري رهيا هوندا آهن, ته ڪي وري اٺن ۽ گهوڙن تي چڙهي تصويرون ڪيرائيندا آهن ..

. سو اسان به ٽيئي دوست پهتاسين ته واقعي ميلو لڳو پيو آهي

مون دوستن کان پڇيو ته پاڻ ڇا تي چڙهون؟

ته زبير چيو، "يار، مونکي گهوڙن ۾ اٺن کان ڊپ ٿو لڳي. ان ڪري هلو ته ڪنهن ٻيڙي تي چڙهون."

مون چيو، "هلو."

ته پوءِ هلي، ڪنهن ملاح پائي جو پاسو وٺون. اڳتي نڪري وياسين ته اسان کي پاڻ ئي ان ٻيڙي واري وڻجاري پڪاريو.

چو ته اسان کان اڳ ئي ٽي چوڪريون ٻيڙي تي ويٺيون هيون. بس شايد اهي ڪجهه ٻين جو انتظار ڪري رهيون هيون، ته سپني کي هڪ ئي چڪر ۾ سير ڪرائي اچجي.

سو اسين به وڃي ٻيڙي تي سوار ٿياسون. چوڪريون اڳيان ويٺيون، اسان وري ان ٻيڙي جي ڊرائيور پاسي ويهي رهياسين.

هاڻ ٻيڙي جو پگهه کنيو، جوان پاڻي ۾ اندر روانا ٿياسين.

ٿورو ئي اڳتي وياسين ته انهن چوڪرين وٺي رڙيون ڪيون. هڪڙي پڇندي آئي ته، "اسان کي واپس وٺي هل، اسان کي ايمرجنسي ٿي پيئي."

اسان پاڻ سڀ پريشان ٿي وياسين ته الله خير ڪري. اسان ئي ملاح کي چيو ته ٻيڙي واپس ڪر.

واپس ڪناري تي آياسين ته انهن چوڪرين تڪڙ ۾ ڪڍي پنجن هزارن جو نوٽ ملاح کي ڏنو.

ملاح انڪار ڪندي چيو ته، "مون وٽ کليا نه آهن."

ته مون انهن چوڪرين کي چيو، "توهان وڃو، پئسا مون وٽ آهن، مان ڏئي ڇڏيندس."

انهن" چيو نه نه ايئن ڪيئن ٿيندو ؟

مون چيو" ڪو مسئلو ناهي, توهان کي ايمرجنسي آهي ته توهان جلدي وڃو پلي .

انهن چيو، "ٺيڪ آهي."

ته وري پٺيان بيٺل هڪڙي چوڪري چيو، "توهان پنهنجو اڪائونٽ نمبر ڏئي ڇڏيو، اسان موڪلي ڇڏينداسين."

مون چيو، "نه نه، خير آهي، مسئلو ئي ناهي."

پر انهن چيو ته، "نه، نمبر ڏيو."

ته مون زبير کي چيو، "ڏي پنهنجو نمبر."

ته زبير چيو، "مون وٽ اڪائونٽ ئي ناهي."

ته انهن چوڪرين به تڪڙ پئي ڪئي، ته مون چيو، "چلو ٺيڪ آهي، توهان ضد ٿا ڪيو ته پوءِ منهنجو نمبر لکو."

نمبر ڪٽي، جلدي جلدي ۾ نڪري ويا.

مون ته ڪو نه ڏنا، مگر زبير جي بقول ته ڪنهن اچي ڪار تي چڙهي، حيدرآباد ڏانهن روانا ٿي ويا.

برحال، مونکي ته آسرو نه هيو ته ڪو پئيسا موڪليندا، مگر واقعي ٻي ڏينهن پئيسا اچي ويا.

وري پرسنل نمبر تي ميسج ڪري پڇيو ته، "پئسا آيا؟"

مون چيو، "جي، پئسا ته آيا، مگر ڇو موڪليا؟

توهان ان وقت ضد پئي ڪيو، تنهن ڪري مون نمبر ڏنو هو، مگر پئسا نه موڪلين ها."

چيائين، "نه يار، ان اهڙي ڏکي وقت ۾ تو اسان جي مدد ڪئي.

سو، پئسا توکي ضروري موڪلڻا هئا."

مون چيو، "چلو، Thank you. چلو، باء ٿي ويو."

وري به مان ڪجهه ڏينهن اسپتال ۾ رهيس.

پوءِ خيرن سان همراهه کي موڪل ملي، اسين به گهر آياسين.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ، رات جو تقريباً ڏهه بجي ڌاري، وري ان نمبر تان ميسج آيو:

"سلام."

صرف سلام ئي لکيو هو.

مون چيو، "وعليڪم سلام."

مون نمبر ته سڃاتو هو، مگر پڪائي ڪندي پڇا ڪيم ته، "ڪير؟"

ٻڌايو ته، "انيلا."

مون چيو، "سوري، انيلا ڪير؟"

چيائين، "يار، اهي ئي، جن جا المنظر تي تو پئسا ڏنا هئا."

مون چيو، "او اڇا!"

چيائين، "ها، اهو ئي."

مگر تون ڪيئن آهين؟

"مون چيو، "مان ٺيڪ آهيان، توهان ٻڌايو؟

"چيائين، "مان ٺيڪ آهيان، مگر يار توهان ۾ هڪ ڪم هو، اگر برو نه لڳي ته چوان؟

".مون چيو، "نه نه، برو چو لڳندو، حڪم ڪيو توهان

ته چيو، "يار، اسان کي هن وقت ٻاهر وڃڻ جي اجازت ناهي هوندي. ان ڪري جي توهان پيڪيج ".ڪرائي ڏيو ته توهان جي مهرباني ٿيندي. مان سڀاڻي پئيسا توڏي موڪليندس

".مون چيو، "ضرور ڪرايان ها، مگر واپسي جي ڳالهه ڪئي ته هاڻ نه ڪرائيندس

".چيائين، "يار، برو ٿو لڳي، ڪنهن جا پئسا کائڻ

مون چيو، "بلڪل برو عمل آهي، مگر اهو ان وقت، جڏهن ڏٺي کي خبر نه هجي. جڏهن مان پاڻ ڏيئي ".رهيو آهيان ته پوءِ برو نه لڳڻ کپي

.چيائين، "ٿينڪيو

"چلو، توهان چيو ٿا ته نه موڪليندس، مون چيو، پرامس ڪيو؟

.نيٺ پرامس ڪيو، ته پوءِ پيڪيج ڪرائي ڏنم

# المنظر تي آئون اڪيلو 02

چيائين Thank U پيڪج ڪرايم، مگر مون ميسج ڪونه ڪيو، وري جلدي ۾ پاڻ ميسج ڪري.
ٿوري دير انتظار ڪيم، مگر ڪو ميسج ڪونه آيو. نيٺ آئون سمهي رهيس.
صبح جو اٿي ڏٺم ته موبائيل تي ٽي ميسج لڳل آهن، کولي پڙهيم ته:

1. سوري يار، مان بزي ٿي ويئي هيس، ان ڪري اوهان کي ميسج نه ڪري سگهيس.

2. پليز ريپلائي ڏيو.

3. ڇا توهان ناراض ٿي ويا آهيو؟

اڃان صبح جا اٺ لڳي ڪجه منٽ ٿيا هئا ته "گوڊ مورننگ" جو ميسج آيو.
مون به سيم جواب ڏنو.

ڇا توهان ناراض آهيو؟

مون چيو: جي بلڪل به نه.

پوءِ توهان رات ريپلائي ڇو نه ڏنو؟

ته مون چيو: سوري، مان سمهي رهيو هيس.

اڇا، ايڏو جلدي سمهندا آهيو؟

مون چيو: جلدي ڪٿي، يارنهن بجي ته ستو هيس.

چيائين: يارنهن ڪو سمهڻ جو ٽائيم آهي؟

.مون چيو: توهان لاءِ ٿي سگهي ٿو نه هجي، مگر اسان لاءِ ضرور آهي

.چلو، پاڻ ٻن پهرن جو ڪچهري ڪنداسين، فلحال باءِ، مان فريش ٿيڻ ٿي وجان
.چلو، باءِ

.هاڻ انتظار جي اڪيرن ۾ فقيرن پيو گوتا کائي
:انتظار ئي هو ته ٻن پهرن جي ڏاري ميسج آيو

ماني کاڌي آ توهان؟

.مون چيو: جي

وري مون چيو: ۽ توهان؟

.جي، مون به کاڌي آهي

چا توهان فري آهيو؟

.مون چيو: بلڪل، مان فري آهيان

چا مان ڪال ڪري سگهان؟

.مون چيو: جي، پلي ڪيو

:ڪال آئي

.اسلام عليڪم

وعليڪم اسلام. ڪئين آهيو توهان؟

.جي، مان بلڪل ٺيڪ آهيان

.توهان ٻڌايو

مون چيو: Same to you.

اڇا، چلو اهو ٻڌايو، توهان ڇا ڪندا آهيو؟

مون چيو: توهان کي ڦاسائڻ وارو ڪم ٻڌايان يا سچي ڳالھ ٻڌايان؟

:ته وڏو ٺهڪ ڏئي چيائين

ڇا ڪو اهڙو به ڪم هوندو آ ڇا، جو ٻڌڻ سان ماڻھو ڦاسي به پوندو آهي؟

مون چيو: جي، بلڪل. اهڙو هڪڙو نه، هزارين ڪم هوندا آهن، جن کي ٻڌڻ سان ماڻهو ڦاسي پوندو آهي.

.چيائين: او اڇا

سوري يار، ٺي سگهي، مگر مونکي سچي ٻڌايو، ڇا ڪندا آهيو؟

.مون چيو: پڙهندو آهيان

اڇا، ڪٿي؟ يونيورسٽي ۾؟

.جي نه

پوءِ؟

.پنهنجي شهر ۾ ڪاليج ۾

اڇا، توهان ڪهڙي شهر جا آهيو؟

.مون چيو: مان من موهيندڙ شهر مانجهند جو آهيان

چيائين: اهو من موهيندڙ شهر مانجهند ڪٿي آهي؟

.مون چيو: اهو صفا ويجهو آهي ڄامشوري جي

اڇا، تڏهن روز المنظر تي ايندا به آهيو؟

.مون چيو: نه يار، اهو ته اتفاق ان ڏينهن دوست وٽي آيا هئا، نه ته مان نه ايندو آهيان

دوست جيڪي ان ڏينهن توهان سان گڏ هئا؟

.مون چيو: جي بلڪل، اهي

اڇا، اوه، سو سوري، مونکان يڪو پڇڻ وسري ويو، توهان جو نالو ڇا آهي؟

.مون چيو: منهنجو نالو جاويد

اڇا، مان توهان جو نالو وٺي ٿي سگهان؟

مون چيو: Why not.

اڇا، توهان کي انگلش به ايندي آهي ڇا؟

.مون چيو: زياده نه، مڙئي ڏڪا هڻندو آهيان

(هاهاهاها)

ڏڪا به هڻندا آهيو؟

.مون چيو: توهان پاڻ ڏسو، يڪو ڏڪائين تي ته هلان پيو ٿو
(هاهاهاها)

.وڏو مزاڪي آهين يار تون

.مون چيو: هممم، فقير ماڻهو آهيان، مڙئي کل ڀوڳ ڪندو رهندو آهيان

:وري مون چيو

جيڪر توهان جون ڳالهيون ختم ٿيون هجن ته مان ڪجھ پڇان؟

.جي آداب

! ڀلي پڇو

مون چيو: توهان ڪٿي جا آهيو؟ ۽ ڇا ڪندا آهيو؟ جيڪر ڪجهه ڪيو ٿا ته اهو ڇو ڪري رهيا آهيو؟

(هاهاهاها)

.چيائين: مان حيدرآباد جي آهيان، ۽ پڙهندي آهيان. رات جو اسپتال ۾ ڪورس ڪندي آهيان

ته مون چيو: اڇا، ڊاڪٽر آهين؟

.چيائين: آهيان ڪون، مگر ڪوشش ڪري رهي آهيان ته ڊاڪٽر ٿيان

.مون چيو: ڀلي ڳالهه آهي، ڊاڪٽر ٿيو، مگر ڪل ڪڍ ڊاڪٽر نه ٿجو رڳو

چيائين: اهي ڪل ڪڍ ڊاڪٽر ڪهڙا هوندا آهن، اهي آپريشن ڪرڻ وارا؟

مون چيو: نه يار، اسان جهڙن غريبن جون ڪلون لاهڻ وارا، جيڪي عام ڊاڪٽر ڪلينڪن تي ويٺل هوندا آهن.

"انهن جهڙو

.پاڻي جي سوئي هٽي هزار پيا وٺندا آهن

او الله، هزار رپيا؟

.مون چيو: پيو نه ته ڇا

" وڏا ظالم آهن پيو

. مون چيو تنهنجي سوچ ڪان مٿي

. چلو، هاڻ فلحال باء

.پاڻ مزيد سانجهي ڳالهائيينداسين

ۂ ها رات سمهي نه رهجان ؟

. مون چيو توهان بي فڪر ٿي وڃو هاڻ ڀلي صبح ٿي وڃي

! وري مون پڇيو

ان ڏينهن اچانڪ ڇا ٿي ويو هو؟

.ڇيائين: اهو ئي ته اسپتال ۾ ميدم جلدي جلدي گهرايو هو

مون چيو: مگر ان ڏينهن ته موڪل هئي؟

چيائين: هتي سڀ ڏينهن ڪار آهن

# المنظر تي آئون اڪيلو 03

رات جو گهڻو ئي انتظار ڪيم، مگر ڏنم ڪال اچي ئي نٿي. نيٺ سوچيم: الائي ڪال ڪري يا الائي نه، مان خوامخواهه اچي خوار ٿيو آهيان.

اهو سوچي يارهين بجي ڌاري سمهي رهيس.

!..چو جو مونکي" اجان ايتري به خبر نه هئي. ته ان ٿنهن" مان آهي به الائي ڪهڙي

ٻ ته ڪجهه چگڙيون هيون" ٿي ويچاري صفا اپرڙي هئي هلڪي قد جي نظر به ڪمزور هس ان !.. ڪري نظر وارو چشمو به پاتل هس

رات جو دير سان، لڳ ڀڳ ٻارهين لڳي، موبائيل جي گهنٽي وڄي پيو.

مون اسڪرين تي نظر وڌي ته ساڳي نمبر تان ڪال اچي رهي هئي.

جلدي اٿي، ٿورو ڪلندي فون ڪٽي، ڪال اٽينڊ ڪيم.

"اسلام عليڪم سائين!"

"وعليڪم اسلام، ڇا اجان جاڳي رهيا آهيو؟"

مون چيو:

"جي بلڪل، اوهان جي انتظار ۾ اکين مان ننڊ ئي ڪڏي اڇلائي ڇڏيم."

ڪلندي چيائين:

"اوه، ايتري محبت؟!"

مون مرڪندي چيو:

"محبت ته لفظن ۾ بيان نه ٿي ڪري سگهجي، دل جي حالت ئي ڪجهه ٻي آهي."

چپ ٿي وئي، ڪجهه پلن لاءِ خاموشي ڇانيل رهي.

:پوءِ آهستي سان چيائين

".جاويد... توهان سان ڳالهائيندي دل نٿي ڪري ته ڪال بند ڪيان"

:مون ٿورو شرمائيندي چيو

" دل ته منهنجي به نٿي ڪري، ڪاش اج جي رات بي پچاڙي ٿئي، جيڪا صدين تائين پره نه ڦٽي، بس پاڻ ڳالهائيندا رهون."

" هممم... جيڪر وقت کي روڪي سگهون ها، ته اج جي هن پل کي هميشه لاءِ قيد ڪري ڇڏيون ها، نه؟"

:مون چيو

".ها، ۽ ان پل ۾ رڳو توهان جي مُرڪ، توهان جي مٺڙي آواز جي گونج هجي ها بس"

:هن آهستي چيو

".جاويد... ڪڏهن ڪڏهن لڳي ٿو ته توهان منهنجي دل جون ڳالهيون بغير ٻڌي به سمجهي وٺو ٿا"

:مون مرڪندي چيو

" محبت ۾ لفظن جي ضرورت ئي ڪٿي ٿي رهي... اکين جا اشارا، دل جون ڌڙڪٽيون سڀ ڪجه بيان ڪري ڇڏين ٿيون."

.هو ٿورو لاجواب ٿي وئي. فقط هڪ نرم "هممم" جي صدا آئي

.مان سمجهي ويس ته هوءَ بيحد خوش آهي

"جاويد... جيڪڏهن مان ڪڏهن اوهان کي بغير ڪنهن سبب جي ياد ڪيان، ته ناراض ته نه ٿيندؤ؟"

:مون کلندي چيو

" ياد ڪرڻ لاءِ ته سبب جي ضرورت ئي نه پوندي آ، بس دل مان نڪتل هر ساهه جو هر ڌڙڪندڙ لمحو توهان لاءِ ئي هوندو آهي سائين ."

ٻنهي جي وچ ۾ هڪ مٺڙو خاموشي وارو لمحو آيو، جتي ٻئي صرف هڪٻئي جي سانت ۾ محبت محسوس ڪري رهيا هئاسين.

هن آهستي چيو:

"سچ پچ، اڄ جي رات، هي ڪچهري، منهنجي زندگي جي سڀ کان حسين پل بڻجي وئي آهي."

مون ٿورو چوهه سان چيو:

"بس هاڻ اها ئي دعا آهي ته هي حسين لمحو شال زندگي جي سڀني ڏينهن تي ڇانيل رهي."

هوءَ آهستي سان مُسڪي چيائين:

"جاويد... توهان کي مان پنهنجين دعائن ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي."

مون چيو:

"سچي؟"

هن مرڪي چيو:

"!مُچي"

"مان ته اڳي ئي پنهنجي سڀني دعائن ۾ اوهان کي وسائي چڪو آهيان."

"هل: ڪوڙا؟"

"ڇا چئي؟"

"!!ڪجهه نه"

"اهو ٻڌايو، توهان جي شادي ٿيل آهي؟"

"جي، ٿيل ته ناهي، مگر انقريب ٿيڻ واري آهي."

"ڇا مونکي دعوت ڏيندؤ پنهنجي شادي جي؟"

:مون چيو
"Why not?"

"Why not؟او، "

"ڪيڏو خوش آهين شادي لاءِ؟"

:مون چيو
".منهنجو استاد عمراڻي چوندو آ، زال ملي ۽ خوشي نه ٿي! اهو ممڪن ئي ناهي"

"او واهُ! عمراڻي تنهنجو استاد آهي؟"

:مون چيو
".ذري گهٽ"

"اڇا، فنڪار آهين تون؟"

:مون چيو
".نه يار، مان فقير ماڻهون، فنڪار ڪٿان ٿيندس"

"...جي: نه نه"

"!چلو، عمراڻي جو گانو ٻڌا، جلدي"

...مون گهڻو ئي منع ڪيو، مگر ضد ڪري ويهي رهي ته گانو ٻڌا

:مون چيو
"چلو ٻڌا، ڪھڙو گانو ٻڌايان؟"

:ٿوري دير سوچي سوچي چيائين
".اھو گانو ٻڌا... آباد ڪريئي مولا چني ڌار ڪرڻ وارا"

".سائين، انيلا جي فرمائيش ھجي ۽ گانو نه ٻڌايان، اھو ته ممڪن نه آھي"

.سچو گانو ڪيس ڳائي ٻڌايم

"!او يار، واقعي تون ته سچي عمراڻي جيان پيو ڳائين"

"!واقعي يار، يقين نه پيو اچي ته تون پيو ڳائين"

"!سچي ايئن پئي محسوس ٿيو ته عمراڻي خد پيو ڳائي"

:مون چيو
".بس، ھاڻ گھڻي تعريف ڪري وئي آھين"

:چيائين
".نه يار، واقعي تون ته ڪمال جو ڳائي به سگھين ٿو"

:مون چيو
".ھا، اھو خبر اٿئي نه، ڏڪا ھڻندو آھيان"

.ڪافي دير تائين اسان اھڙي ئي منڙي ڪچھري ڪندا رھياسين
.اکيون به ڳاڙھيون ٿيڻ لڳيون، مگر دل ته ھوش وڃائي ويٺي ھئي

:آخرڪار چيائين

" جاويد، هاڻ ٻئي آرام ڪيون، ڇو ته سڀاڻي وري اوهان جي منٺيون ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ منهنجي دل بيقرار رهندي."

مون چيو:

"ٺيڪ آهي، الله اوهان کي سهڻي ننڊ عطا ڪري، خوابن ۾ به ملاقات ٿيندي."

"انشاءالله... شب بخير، جاويد."

"شب بخير... دل جي مالڪه."

ڪال بند ٿي وئي، مگر دل جي مسڪراهٽ جو سلسلو بند نه ٿيو

# المنظر تي آيون اڪيلو 04

.رات جي خاموشي ۾، جڏهن هر شيءِ خاموش هئي، دل وري بيچين ٿيڻ لڳي

"!!وري محبوب جي ياد اچڻ لڳي

.مون موبائيل کولي، سندس ڪيل ميسج کولي ڏسڻ لڳس، جيڪا فقط دل جي اکين ۾ محفوظ هئا

:اچانڪ، موبائيل جي اسڪرين تي سندس پيغام ٿمڪي پيو
"جاويد... ننڊ نه ٿي اچي، ڳالهائيندؤ؟"

.منهنجي چهري تي بيخوديءَ واري مرڪ پکڙجي وئي
:جلدي لکيم
".اوهان جي آوازي کان سواءِ ننڊ ته خواب بڻجي وڃي ٿي"

.ڪجھ پلن ۾ ڪال اچي وئي
.فون کنيم، دل جي ڌڙڪن تي هٿ هڻندي سلام ڪيم

".اسلام عليڪم، دل جي راڻي"

"!وعليڪم اسلام، دل جا مسافر"

.هن کلندي چيو، يار تنهنجي ان کلڻ ۾ چڻ سچو سنسار وسامي ويو

:مون آهستي سان چيو
".اڄ جي رات به تنهنجي آوازي سان سينگارجي وئي"

:چيائين
".مون کي لڳو، تون شايد ناراض ٿيندين، پر دل نه مڃي، ان ڪري ڪال ڪئي"

اگر برو لڳو هجي ته معذرت ٿي ڪيان ..؟

مون چيو : سوري آئيندا اهي ڳالهيون تنهنجي زبان تي نه ٻڌان .!؟

چيائين: الائي توهان ناراض ٿيو ته ؟

:مون چيو
".ناراضگي ته تڏهن ٿيندي، جڏهن دل ذرڙڪڻ ڇڏي، ۽ اها ته هر پل اوهان لاءِ ڌڙڪي ٿي"

:هوءَ ماٺ ٿي وئي، پوءِ آهستي سان چيائين
"جاويد... ڪنهن ڏينهن بيخبريءَ ۾ به فون ڪيان ته ڪٺندؤ؟"

:مون بنا دير چيو
".او نه رڳو ڪٺندس، پر دل جون سڀ واٽون اوهان جي آوازن لاءِ کولي ڇڏيندس"

:ٿورو شرمائي، ۽ نرم لهجي ۾ چيائين
".تون ڇڻ هر لفظ سان محبت جا گل پوڙي ڇڏين ٿو يار"

:مون مرڪندي چيو
".۽ اوهان جو هر ساهه منهنجي ساهن کي خوشبوءِ بڻائي ٿو"

.هڪ پل لاءِ ٻئي ماٺ ٿي وياسين
:ڪجهه لمحن کان پوءِ، کلندي چيائين
"چلو، اڄ مان اوهان لاءِ هڪ شاعري ٿي پڙهان؟"

:مون جوش سان چيو
!"آداب
"!اها ته منهنجي خوش نصيبي هوندي"

:هوءَ نرم آواز ۾ پڙهڻ لڳي

اکين کي تنهنجو انتظار آهي،"
ٿي وئي دل تو لاءِ بيقرار آهي،
"...تنهنجي محبت سان هي من سرشار آهي

.مان چڻ بيخود ٿي ويس، صرف سندس آواز ۽ سندس لفظن جي خوشبوءَ ۾ گم ٿي ويو هيس

:مون دل سان چيو
".اهي لفظ نه رڳو ٻڌان ٿو، پر پنهنجي روح تي لکان ٿو"

:نرم کل سان چيائين
".جاويد... تون ته بلڪل شاعر ٿي پيو آهين"

:مون چيو
".نه، بس تنهنجي محبت منهنجي لفظن کي شاعري بڻائي ٿي ڇڏي"

.چپ ٿي وئي، مگر ان خاموشي ۾ به هزارين احساس هئا
:هڪ پل بعد چيائين

".جاويد... واعدو ڪر، اسان جي وچ ۾ ڪڏهن به خاموشي نه ايندي"

:مون، دل تي هٿ رکي قسم کنيو
".واعدو آهي سرڪار، جيستائين ساهه آهي، اسان جي وچ ۾ رڳو لفظن جا گلاب وسندا رهندا"

چيائين: ڇا تنهنجي واقعي شادي ٿيڻ واري آهي ؟

..مون چيو: نه يار توسان مزاڪ پيئي ڪيم

چيائين:  سچي ؟

!! مون چيو : جي

چيائين : منهنجي دل ۾ الائي ڪهڙا ڪهڙا خيال اڀرڻ لڳا هئا ؟

مون چيو: ڇا ؟

جي ها : ڇو ته شادي کان پوء ممڪن آهي تون مونسان نه ڳالهائين ها ؟

!" مون چيو : ايئن ناهي مگر فلحال ان ڳالھ کي ڇڏيو توهين

.ٻئي ڪن پل لاءِ فقط پنهنجن ساهن جي موسيقي ٻڌندا رهياسين
.وقت ڄڻ بيهي ويو هو

!ڪچهريون ڪندي : ڪافي دير به ٿي چڪي هئي

.. مون وٽ ڪڪڙن جي ٻانگن جا آواز اچڻ به شروع ٿي ويا هئا

هوء به: ڪافي سست لڳي رهي هئي" مون محسوس پئي ڪيو ته هاڻ ڳالهائي ته ٿي مگر ڄڻ بي
!خيالي ۾ جواب ڏيئي رهي هئي

:آخرڪار ٿوري اداسي سان چيائين
".چلو، هاڻ آرام ڪريون، سڀاڻي ٻيهر ساڳئي محبت سان ڳالهايون ٿا"

:مون چيو
".ها، دل جي دعا سان، رب اوهان کي سهڻي ننڊ عطا ڪري"

".شب بخير، جاويد"

".شب بخير، دل جي راڻي"

...ڪال بند ٿي وئي، پر دل جو تعلق اڃا به ڳنڍيل رهيو

...محبت جو سفر جاري رهيو

# المنظر تي آيون اڪيلو 05

پهريائين گهٽ، مگر آهستي آهستي هاڻ ته سڀيون سڀيون راتيون فون تي ڪچهريون ٿيڻ لڳيون هيون...

.ڪڏهن ڪچهري ڪندا هئاسين ته ڪڏهن هوءَ گانا ٻڌائيندي هئي، ۽ مان به ساڻس گڏ ڳائيندو هئس
.هوءَ گهڻي احمد مغل جي شوقين هئي
:احمد مغل جو هي گانو اڪثر ڳائيندي هئي

...دل چوي ٿي، او پرين، تون منهنجي سامهون هجين
...مان رڳو توڏي ڏسان، تون رڳو مون ڏي ڏسين

:هڪ رات ڪچهري ڪندي مون کيس چيو
"سائين، اگر برو نه لڳي ته هڪ عرض ڪيان؟"

:چيائين
"سوري، برو چو لڳندو؟ توهان پڇو نه، بلڪه چئو، ڇا چوڻو آهي؟"

:مون چيو
" توهان کي ڏسڻ لاءِ هي اکيون بي تاب آهن... جيڪڏهن هڪڙي تصوير عنايت فرمايو ته مهرباني ٿيندي."

:چيائين
".اها ڪا وڏي ڳالهه آهي؟ هل، توهان هڪڙي چيو، هي وٺو ڏهه تصويرون"

.يڪدم تصويرون موڪلي ڇڏيون
.کولي ڏٺم ته شڪر آهي، اها عينڪ واري ته ناهي
.هيءَ ان ٻنهن مان آهي، جنهن جون اکيون ٿوريون ننڍيون ۽ ڪجليون هيون

:مون يڪدم سندس احسان مڃيندي چيو

"Thank you"

:چيائين

".نه نه، ڪا ڳالهه ناهي"

:مونکي چيائين

"سائين، هاڻ ڪڏهن ٿا ديدار ڪرايو؟"

:مون چيو

".سائين، جڏهن توهان حڪم ڪيو"

"سچي؟"

"...همممم"

"ته پوءِ ڪٿي ملون؟"

".جتي توهان چئو، اتي"

"توهان کي ڪٿي سولائي ٿيندي؟"

:مون چيو

".مون کي هر جاءِ تي سولائي آهي، توهان رڳو ٻڌايو، ڪٿي اچڻو آهي، مان پڄي ويندس"

:چيائين

"ته پوءِ چا، حيدرآباد ۾ سنڌ ميوزيم ٺيڪ رهندو ؟"

"مون چيو: "سنڌ ميوزيم ۾ ڇو؟ المنظر تي ڇو نه؟

:چيائين

"...المنظر تي ڪليو ماحول آهي، ۽ ٻيو ته رڳي واري پيئي اُڏامي"

:مون چيو

.حاضر سائين! جتي توهان چئو، اتي ئي ملنداسين"

"پر ٻڌو؟

"!جي، چئو"

"ڏٺل ته اٿئي؟"

:مون چيو

".ڏٺل ته ناهي، مگر ڳولي وٺندس"

"!اڇا"

"!جي ها"

"پوءِ هن آچر تي ڪيو مهرباني، اچو نه؟"

:مون چيو

"حاضر! ضرور ايندس. توهان چئو ۽ مان نه اچان، اهو ڀلا ٿي سگهي ٿو؟"

:چيائين

"...توهان کي ڏسڻ جو هاڻ مزو ئي ٻيو هوندو، توهان رڳو اچو ته"

:مون چيو

"...حاضر سائين، آچر ته اچڻ ڏيو"

!هاڻ آچر جو انتظار... ته ڪڏهن ٿو آچر جو ڏينهن اچي

روز ڪچهري ٿيندي هئي، مگر انتظار فقط آچر جو هو، ته ڪڏهن ٿو آچر جو ڏينهن اچي ته محبوب سان ملاقات ٿي!

:هڪ رات مون کي ميسيج ڪري چيائين

".يار، منهنجي هڪ فرينڊ آهي، سو توهان سان ڳالهائڻ ٿي چاهي"

:مون چيو

"تنهن کي منهنجي باري ۾ ڪنهن ٻڌايو؟"

:چيائين

".سوري، مون پاڻ ٻڌايو آهي"

:مون چيو

"!ڏسو، غلطيون پيا ڪيون نه"

:چيائين

".يار، سوري، مگر هيءَ اهڙي ناهي، توهان بي فڪر ٿي وڃو"

:مون چيو

".اوڪي"

"پر، ڇا توهان ان سان ڳالهاڻ پسند ڪندو؟"

:مون چيو

"Why not?"

"!'Why not' ها سائين، هر ڳالهه ۾"

:مون چيو

سوري سائين، ايئن ناهي، جيڪر هوءَ توهان جي دوست آهي ته منهنجي لاءِ به قابلِ عزت آهي. "
"جيڪر هن مون سان به لفظ ڳالهايا ته ڇا ٿي پيو؟

".جي ها، پلي ڳالهايوس"

!اسلام عليڪم

!وعليڪم اسلام

'ڪيئن آهيو؟' –

'جي، مان بلڪل ٺيڪ آهيان. توهان ٻڌايو؟' –

'...جي، مان به ٺيڪ آهيان. هڪ عرض هيو' –

'.جي، حڪم ڪريو' –

"ڇا مان توهان جو نمبر رکي سگهان ٿي؟"

:مون چيو

".سوري، اهو توهان انيلا کان پڇو"

:چيائين

"انيلا کان ڇو؟"

انيلا کان ان ڪري، جو هوءَ ڪٿي اعتراض نه ڪري. ان ڪري توهان ان کان اجازت وٺو. پوءِ "
".جيڪر هوءَ توهان کي نمبر ڏي، ته پلي رکو

"اوڪي سائين، مان انيلا کان پڇي پوءِ نمبر رکندس. بس؟"

"...مون چيو: جي، بس"

---

.نيٺ آچر جو ڏينهن به اچي ويو

.مون به فل تياري ڪئي، محبوب سان ملڻ لاءِ نڪتس

.۽ ها، اڪثر انيلا چوندي هئي ته مون کي ديسي گيهه گهڻو پسند آهي

.تنهنڪري انيلا لاءِ ديسي گيهه جو بندوبست ڪري ورتم

.گهران نڪتس، حيدرآباد قاسم چوڪ لٿس

ڪنهن کان پڇا ڪيم ته سنڌ ميوزيم ڪهڙي پاسي آهي؟

.هڪ رڪشي واري ٻڌايو ته واڌو واهه واري پاسي آهي، مگر پل جي هُن پاسي

.رڪشو ڪرائي سنڌ ميوزيم ڏانهن نڪتس

...پل لهندي ئي رڪشي تان نظر پئي ته اڳ ۾ ئي انيلا بيٺي هئي

ڪاري رنگ جا ڪپڙا، گلابي گندي پرتن سان پريل، ڳچيءَ ۾ سنهري لاڪٽ، جيڪو هوا جي هلڪي چوهه سان هيٺ مٿي ٿي رهيو هو.

.ٿڇ موبائل سندس مهندي لڳل هٿن ۾، ۽ بار بار موبائيل کي چيڪ ڪري رهي هئي

.مگر حيرت ته تڏهن ٿيم، جڏهن ڏٺم ته انيلا سان به چوڪريون بيون به آهن

.مان رڪشي تان لٿس ته انيلا ڊوڙي مون وٽ آئي، مون کي آجيان ڪرڻ لاءِ

مون رڪشي واري کي ڪرايو ڏيڻ لاءِ پئسا ڪڍيا ته انيلا مون کي منع ڪندي پنهنجي پرس مان ڪڍي ڪرايو ڏنو.

:انيلا چيو

".هاڻ هلو ته مان توهان کي پنهنجي دوستن سان ملايان، جيڪي خاص توهان کي ڏسڻ لاءِ آيون آهن"

:مون چيو

"خاص مونکي' ڏسڻ لاء ؟

"!جي سائين:  خاص توهان کي ڏسڻ لاء

:مون چيو

"تون اڪيلي ڇو نه آئي آهين؟"

:چيائين

"اڪيلي؟ مگر ڇو؟"

:مون چيو

"...توهان سان اڪيلي ۾ ملڻو هو"

"اڇا ڪو اهڙو خاص ڪم هو؟"

"!جي"

!اڇا"

"پوءِ ڇا، هِنن کي واپس موڪليون؟

:مون چيو

.جي نه! هاڻ واپس نه ڪبا"

".هاڻ هلو ته ملون تنهنجي دوستن سان

.اسان ٻئي گڏ نڪتاسين ته هو به اڳيان آيون

"!هاءِ، مان مهوش" –

"!هاءِ، مان سائره" –

"ڪيئن آهيو توهان؟" –

".جي، اسان ٺيڪ آهيون" –

:مهوش انيلا کي چيو

"اهو ئي آهي نه، جنهن جا قصا ٻڌائي تون اسان کي تنگ ڪندي آهين؟"

:انيلا مرڪندي چيو
!جي جي، اهو ئي آهي"
"ڏسو، واقعي منهنجو جاويد هيرو لڳي پيو نه؟

:سائره چيو
"...مگر تصويرن ۾ ته وڏيڪ خوبصورت لڳي رهيو هو"

:انيلا چيو
"!هل ڪوڙي"

:مون چيو
".هاڻ هلو ته سنڌ ميوزيم ڏسون، مون به اڳ ڪڏهن نه ڏٺو آهي"

:مهوش چيو
".توهان ترسو، مان ٽڪيٽ وٺي اچان"

:مون ڪيس پئسا ڏيڻ لاءِ پرس ڪڍيو ته مهوش منع ڪندي چيو
".تون اسان جو مهمان آهين. تون ڇڏ، مان پاڻ ٺي وٺان"

.مهوش ٽڪيٽ وٺي آئي
...هاڻ سنڌ ميوزيم اندر داخل ٿياسين
۽ پائِي! اندر ته دنيا ئي ڪا ٻي هئي

# المنظر تي آئون اڪيلو 06

سنڌ ميوزيم جي دروازي تان اندر گهڙڻ سان ئي لڳو ڄڻ ڪنهن ٻي ئي دنيا ۾ داخل ٿي ويا هجون.

سامهون پراڻن دورن جا مجسما، رنگين تصويرون، ۽ تاريخ جون زنده شاهديون. ڄڻ وقت جي لهرن تي واپس هلي ويا هجون. انهن پراڻن سنڌي اجرڪن، هٿ سان ٺهيل ڪٿين، چرخن، ۽ ڪوئين کي ڏسي دل ئي دل ۾ هڪ الڳ جذبو جاڳي پيو.

ٿورو اڳتي وياسين ته هالا واري جنڊي جو ٺهيل هندورو نظر آيو، جتي انيلا رڙ ڪندي چيو: "ڪاش "جاويد" تون هن هندوري تي ويهين ها، مان توکي لوڏيان ها."

مان ۽ انيلا هندورو ڏسڻ لڳاسين. سائرا ۽ مهوش اڳيان هليون ويون. اوچتو مهوش رڙ ڪري چيو: "جويد؟"

مونکي مهوش جويد چوندي هئي، توڙي جو مون کيس ٻڌايو ته منهنجو نالو "جاويد" آهي، مگر مهوش کي "جاويد" وڻڻ نه ايندو هو، هميشه "جويد" چوندي هئي.

مهوش چيو: "هاڻ ڇڏ انيلا جي پچر! اڳيان ڏس، هي ڇا آهن؟"

مان اڳتي وڌيس ته انيلا پٺيان ٻانهن جهليو. مون پوئتي ڪنڌ ورايو ته انيلا مرڪي چيو: "ڇا مونکي نه وٺي ويندين ڇا؟"

مون چيو: "سائين، توهان ئي اڳيان هلو."

اسان اڳتي وڌياسين. پراڻي دؤر جا انسان يا جانور، مگر ٿورا مختلف قسم جا مجسما ڏسڻ ۾ آيا. سائرا چيو: "شڪر آهي، پاڻ ان دور ۾ پيدا نه ٿياسين، نه ته اهڙا پڇ هجن ها پاڻ کي به!"

مهوش کلڻ لڳي: "جويد، جيڪڏهن انيلا اهڙي هجي ها ته تون کيس پيار ڪرين ها؟"

مون چيو: "سوري، منهنجي انيلا ته شهزادي آهي."

انيلا، هيڪ ۾ مهوش کي گار ڏيندي چيو: "ڪني! مونکي ڇا لاءِ ٿي چوين؟ توکي جي شوق آهي ته ايئن ٿي وڃ."

انيلا منهنجي پر ۾ ويٺي هئي. هن جي اکين ۾ چمڪ هئي. هوءَ ننڍن ٻارن وانگر هر شيءَ کي وڏي دلچسپي سان ڏسي رهي هئي. ڪڏهن ڪا شيءَ ڏسي چوندي: "واه! ڏسو نا سائين، اسان جا ماڻهو ڪيترا هنر مند هئا، نه؟"

مون چيو: "ها، اڄ حقيقت ۾ سنڌ تي فخر ٿو ٿئي."

مهوش ۽ سائره اڳيان اڳيان ٿي ويون. ڪڏهن مجسما ڏسي کلنديون هيون، ڪڏهن تصويرون ڪڍائينديون.

انيلا آهستي چيو: "اڄ جو ڏينهن يادگار ٿيندو، نا؟"

مون چيو: "نه رڳو يادگار، بلڪه منهنجي لاءِ خاص ڏينهن آهي. توسان گڏ هجڻ ئي سڀ کان وڏو تحفو آهي انيلا."

هوءَ ٿورو شرمائي، پوءِ آهستي چيو: "سائين، مان خوش قسمت آهيان جو اوهان جهڙو ماڻهو منهنجي زندگيءَ ۾ آيو."

اسان ڪنهن گهڙيءَ تائين خاموش رهياسين، رڳو هڪ ٻئي کي ڏسندا رهياسين...

اسان اڳتي وڌياسين. هڪ پراڻي مجسمي جي سامهون آياسين جتي ڍولڪ، بانسريون، پڇٽيون رکيل هيون. مون ڍولڪ کي هٿ لڳايو ته اوچتو سائره چيو: "هيلو! جاويد، اوهان ته موسيقار به آهيو نه!"

مون کلندي چيو: "دل جو موسيقار آهيان، لفظن سان ساز وڄائيندو آهيان."

انيلا چيو: "تون عمراڻي جو گانو ڳاءِ، مهوش ڍولڪ وڄائيندي، مان ۽ سائرا ڊانس ٿيون ڪريون."

مون چيو: "ڇا سائرا کي ڊانس ڪرڻ ايندي آهي؟"

".سائِرا چيو: "نه نه، مونکي ڊانس نٿي اچي. ڊانس جي ته مهوش وڏي ماهر آهي

"!مهوش چيو: "چلو، مان ڊانس ڪيان ٿي. تون گانو ٻڌا

".مون چيو: "گانو عمراڻي جو هوندو، پوءِ جيئن چوين

"'.مهوش کلندي چيو: "عمراڻي جو اهو گانو ٻڌا، 'دل گھريو دلبر ملي پئي، ٻيو اسان کي ڇا کپي

اهي لفظ ٻڌي مان خاموش ٿي ويس. هن جي اکين ۾ اهڙو جذبو هو، جيڪو لفظن ۾ قيد نه ٿي ڪري سگھيو.

".ڪلندي' ڪلندي اڳتي وڌياسين

سائڙهي، اجرڪ، سنڌي فرنيچر، مٽي جا ٿانوَ—هر شيءِ پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڳالهيون ڪري رهيون هيون. هر ڪنڊ ۾ ڪا ياد، ڪا تاريخ، ڪا خوشبو ضرور هئي.

"مهوش چيو: "چلو، هاڻ ٻاهر هلون. هوٽل تي هلون، ڪجھه کائون؟

".سائره چيو: "ها، چڱو خيال آهي. واقعي بُک به لڳي آهي

".انيلا منهنجي ڪن ۾ چيو: "هوٽل جو بندوبست سائره ڪيو آهي، سچو پلان هُن جو آهي

"...مون چيو: "مطلب، پوري تياري سان نڪتا آهيو

سنڌ ميوزيم مان ٻاهر نڪتاسين. رستي تي آياسين ته رڪشو به اچي ويو. انيلا چيو: "آئون ۽ جاويد پوئين سيٽ تي ٿا ويهون، توهان ٻئي ان چاچي سان اڳيان ويهو."

".مهوش کلڻ لڳي: "نه، مان به پوئتي ويهنديس، سائِرا ڀلي چاچا جي ڀر ۾ ويهي

".چاچو، سادو ماڻهو، چيائين: "امان، تون منهنجي نياڻين جيڏي آهين، اچي ويهه منهنجي ڀر ۾

".سائرا کلندي پري ٿي بيٺي: "نه انڪل، مان نه ويهنديس

".چاچا مونکي چيو: "بابا، توهان اڳيان اچو. انهن کي پويان چڙهڻو

".انيلا چيو: "نه انڪل، مان هن کي اڳيان نه چڙهڻينديس

چاچا ڪاوڙجي چيو: "بابا، مان روزي وارو ماڻهو آهيان، مون وٽ ايترو وقت ناهي جو توهان جا نخرا ٻڌان!" ايئن چئي" هليو ويو.

"انيلا، مهوش تي ڪاوڙ ڪندي چيو: "تون چو نٿي ويٺين؟

".مهوش چيو: "بابا، مان چو ويهان ها؟ انڪل خد پاڻ چيو ته سائرا منهنجي نياڻين جيڏي آهي

سائرا چيو: "مهوش، ڪهڙي انڪل جي ماءُ جيڏي آهي؟ مهوش به ته انڪل جي نياڻي جيڏي آهي، نه؟"

مون چيو: "هاڻ چڏيو مزاق کي. مورڳو تماشو مچايو اٿو، ماڻهو ڏسن پيا. اچو، مان اڳيان ويهان ٿو، توهان ٽئي پويان ويهو."

".انيلا چيو: "نه، تون اڳيان نه ويهندين

".مون چيو: "ته هلو، پنڌ ٿا هلون

مهوش چيو: "ها، اهو ٺيڪ رهندو. اڳيان پل جي هيٺان شربت وارو به آهي، اتان شربت پيءُ، پوءِ هلون لطيف آباد طرف. اتي هڪڙي پلي هوٽل آهي."

اسان پل هيٺ شربت پيتو، جنهن جا پئسا به انيلا ڏنا. مون گهڻو ضد ڪيو، مگر انيلا چيو: "تون اڄ اسان جو مهمان آهين، خرچ ڪرڻ نه ڏينداسين."

شربت پيئڻ بعد لطيف آباد طرف روانا ٿياسين. رستي ۾ شادي هال ڏسي، مهوش انيلا کي چيو: هنن
"مان"ڪهڙو بڪنگ ڪرايون؟

"!انيلا چيو: "ڪتي، پنهنجي لاءِ ڪراءِ! ايڏو شوق اٿيئي ته

".مهوش چيو: "پوءِ جويد، مونکي ڏي، مان پاڻ ٿي بڪ ڪرايان

انيلا چيو: جاويد چو ؟ هي شهر" ۾ جو ايترا ماڻهون آهن ؟

".مهوش چيو: شهر وارا نه کپن مونکي" کپي ته بس جويد

مشڪريون ڪندي هوٽل تي آياسين. هوٽل جي ڇت تي ويهي ٿڌي هير ۾ ويهڻ جو پنهنجو ئي مزو هو.
.چاڪليٽ شڪ، ڪافي ۽ گرم چپس آيا

انيلا مون ڏي ڏسي چيو: "سائين، ياد آهي اوهان چيو هو ته 'ڪڏهن دل سان ملندين'... اڄ دل سان ئي
"ملڻ لاءِ آيا آهيو نه؟

مون ٿورو خاموش ٿي، هن جي هٿ تي هٿ رکي چيو: "ها... ۽ مان دعا ٿو ڪريان ته هي هٿ
".ڪڏهن ڇڏڻو نه پوي

.هوءَ ڪجهه نه چئي سگهي، صرف هڪ مرڪ، جيڪا منهنجي لاءِ هزارين لفظن جي برابر هئي

.هوٽل تي شام ٿيڻ لڳي، سج لهڻ لڳو، آسمان ڳاڙهي ۽ سنهري رنگن ۾ رنگجي ويو

انيلا آهستي چيو: "اڄ جو ڏينهن منهنجي لاءِ سڀ کان حسين ڏينهن هو، سائين... ڇا اوهان به اهوئي ٿا
"سمجهو؟

مون ڏسندي چيو: "فقط اڄوڪو ڏينهن نه، منهنجي زندگيءَ جو سڀ کان بهترين ڏينهن تون آهين،
".انيلا

ڪافي مزاق مشڪري ٿي. نيٺ وچڙو ته هو. آخر ڪافي دير ٿي وئي. واپس ٿياسين. واپسي ۾ مان پنهنجو رستو الڳ ورتو. هوءَ ٿيئي واپس اسپتال هليون ويون

# المنظر تي آيون اڪيلو 07

انيلا کان موڪلائي، گهر ڏانهن نڪتس. مگر دل کي ڇڻ زوريءَ وٽي هلڻو پيو. اندر خالي خالي لڳو؛ ڄڻ ڪا جاءِ هئي جيڪا انيلا کان پري ٿيڻ سان ويجهي ٿي وئي هئي. اها قربت، نگاهن جي خاموش گفتگو، چرڪائيندڙ ڇهاءُ... ڄڻ روح جي ڪنهن اجنبي ڪنڊ کي ڇهيو هجي.

[ميسيج جو سلسلو]

گهر پهتس ته انيلا جو ميسيج آيو:

"گهر پهتا آهيو؟"

مون فوراً جواب ڏنو:

".جي، راڻي، خير سان پهچي ويس"

ٿوري دير بعد وري ميسيج آيو:

"جاويد... پر تون مونکي به ساڻ وٺي وڃين ها نه؟"

مون مرڪندي لکيو:

".سائين، ضرور وٺي ويندس. جڏهن وقت آيو، مان پاڻ توکي وٺي ايندس، تنهنجي هٿن ۾ هٿ وجهي"

انيلا جو ٽائپنگ ظاهر ٿيو... پوءِ هڪ لائن آئي:

"جاويد؟"

"جي، راڻي؟"

"ڇا تون سچ پيو چئين؟"

مون سنجيده ٿي لکيو:

"جي، منهنجي راڻي، مان ته هميشه سچ ڳالهائيندو آهيان. تون مون تي شڪ پئي ڪرين ڇا؟"

".نه جاويد، توتي ته مونکي پاڻ کان به وڌيڪ ڀروَسو آهي"

مون لکي موڪليو:

"ته پوءِ راڻي، پريشان نه ٿجان. سڀ ڪجهه پنهنجي وقت تي ٺيڪ ٿي ويندو. بس ڀروسو رکجان."

ميسجن "دوران" ڪال اچي وئي!

ماني ڪائيندي فون وڄي پيو. انيلا جي ڪال هئي.

"جاويد؟"

"جي، ٻڌاءِ راڻي؟"

"توهان مونسان اڪيلائيءَ ۾ ملڻ ٿا چاهيو؟"

"ها، راڻي، بلڪل."

"پر ڇو؟"

مون چيو:

"چاڪاڻ ته جڏهن تون ويجهو هوندي آهين ته، دنيا وسري ويندي آهي. ماڻهن جي نگاهن کان پري، صرف تون، مان، ۽ اسان جي خاموشين جا رنگ هوندا آهن..."

هوءَ بيچين ٿي پئي:

"پر جاويد، مونکي ڊپ ٿو لڳي..."

مون کلندي چيو:

"ڇا توکي مونکان ڊپ ٿو لڳي؟"

"ها، خبر ناهي تون مونسان ڇا ڪرين..."

مون شرارتي انداز ۾ چيو:

"راڻي، مان ته اهو ئي ڪندس جيڪو پيار ڪندڙ ڪندا آهن، باقي ڪجهه نه!"

"ڇا مطلب؟ ٻڌا ته؟"

"توکي ته اها به خبر ناهي! انيلا پوءِ اچ نه، ته توکي اهو به سيکاري ڇڏيان!"

هوءَ مرڪي پئي. ان مرڪ ۾ لاجواب لڄاوٽ هئي.

فون تي مرڪڻ جو آواز آيو.

:مون پڇيو

"اهو ڪير پيو ڪلي؟"

"!جاويد! هيءَ ته مهوش آهي"

:مهوش کلندي چيائين

"!اڙي واهه جويد! وڏو رومانس هلي رهيو آهي! پر انيلا سمجهي رهي آهي ته تون فقط سندس آهين"

:انيلا ٿورو شرميلو ٿيندي چيو

"مهوش! تون گهڻو فري ٿي پئي آهين جاويد سان! ڇا تون مونکان اڳ ڪيس پسند ڪندي هئين؟"

:مهوش مرڪندي چيائين

"اڙي، هاڻي دلين جا راز به موبائل تي پڌرا ڪبا ڇا؟"

:انيلا ڪاوڙجي پئي

"!مهوش! تون منهنجي هٿان مرندين"

:مهوش وڏو ٽهڪ ڏيندي چيو

"!اڙي نه نه، مان ته رڳو مذاق پئي ڪيم. جويد ته صرف تنهنجو آهي، انيلا"

:مون چيو

راڻي، مون ڪان سواءِ ڪنهن تي به اعتبار نه ڪجان. منهنجي دل جي هر ڌڙڪن رڳو تنهنجي نالي "
".آهي

:هوءَ ڪجهه دير خاموش رهي، پوءِ چيائين

"ته پوءِ ٻڌاءِ، تون مونسان اڪيلائيءَ ۾ ڇو ملڻ ٿو چاهين؟"

:مون ساهه پري چيو

ڇو ته مان تنهنجي اکين ۾ ڏسڻ ٿو چاهيان ته منهنجي نالي جا خواب ڪيئن جهلڪين ٿا. تنهنجي "
خاموشيءَ ۾ پنهنجو نالو ڳولڻ ٿو چاهيان. تنهنجي آڱرين جي ڇهاءُ مان پنهنجو وجود مڪمل ڪرڻ ٿو
"...چاهيان

:هوءَ چپ ٿي وئي. پوءِ نرم لهجي ۾ چيائين

"...جاويد... تون... تون ته منهنجي دل ئي لوٽي ويو آهين يار"

".ته پوءِ، اچ نه منهنجي زندگيءَ ۾، هميشه لاءِ"

"ڪڏهن؟"

".ايندڙ آچر، پر اچ سڄي رات جي موڪل وٺي اچجان"

"سڄي رات جي موڪل چو؟"

"!اها ته ايندي ء ته ٻڌائيندوسائين نه"

:ڪلندي چيائين

"جيڪڏهن مونکي موڪل نه ملي ته؟"

:مون چيو

"!سنڌيءَ ۾ هڪ چوڻي آهي ته جت سچو ته ڪڙه تي ڪير پياري"

:هوءَ مرڪي پئي

"پر جيڪڏهن مال ۾ ڪير ئي نه هجي ته؟"

:مون چيو

"!مگر"پڪ آهي ته هِن جت وٽ ڪير ضرور آهي

"ڪير؟ ڪهڙو ڪير؟"

"!اهو جيڪو تو وٽ ملي سگهي ٿو"

"...اڇا... چلو ڪوشش ڪيان ٿي"

:ڪجهه دير بعد ميسيج آيو

"Jawaid sorry... Wo is Sunday pe 3 tareekh hai na, to mujhe... wo menstruation?"

"Menstruation? What is menstruation?"

"Sorry!"

:مون چيو

"چلو پوءِ اڳين آچر تي پروگرام رکون؟"

"!ها، اهو ٺيڪ رهندو"

**المنظر تي آئون اڪيلو 08**

جو ميسج ڏسي مون سمجهيو ته انيلا کي لڳو ته مان فقط جسماني مقصد Menstruation انيلا جي لاءِ ملڻ ٿو چاهيان. مون کيس ميسج ڪيو:

"آيل آهن ته ڇا مان توسان فقط ان مقصد لاءِ ملڻ ٿو چاهيان؟ Menstruation جيڪڏهن توکي"

انيلا پڇيو:

"جاويد؟"

مون وراڻيو:

"جي راڻي."

"مان ڇري آهيان ڇا؟"

"نه ته."

"پوءِ ڇا، مونکي خبر ناهي ڇا؟"

مون چيو:

"انيلا، کولي ٻڌاءِ. ڇا ٿي چوڻ چاهين؟"

انيلا چيو:

"جاويد، مونکي صرف هڪ سوال جو جواب ڏي."

"جي پڇو."

"هڪ مرد، نوجوان ڇوڪري سان پيار ڪرڻ ڇو چاهيندو آهي؟"

سوال ٻڌي، مان ڇڻ ته گم ٿي ويو هس. وراڻيم:

"سوري، ان جا گهڻا ئي مقصد ٿي سگهن ٿا."

چيائين:

"گهڻا نه، فقط هڪ ئي آهي."

مون چيو:

"چلو، تون ٻڌاءِ."

چيائين:

"سيڪس."

مون چيو:

"سيڪس چو؟"

چيائين:

" ان ڪري ته مرد هڪ خوبصورت، نوجوان چوڪري جي تلاش ۾ هوندو آهي ته جيئن ان جي نوجوان جسم مان سيڪس جو لطف وٺي سگهي. جيڪر بک نه هجي ها، ته اها محبت ڪنهن وڏي عمر واري عورت سان به ته ڪري سگهجي پئي نه؟"

منهنجي زبان چڻ اٽڪي پئي.

انيلا وري چپ چاپ ٿي چيائين ته:

"جاويد، مان سڀ ڪجهه سمجهان ٿي."

"پيو ته، جاويد سوري. پر تو چيو ته،

'اڪيلائيءَ ۾ ملنداسين، ۽ پوءِ اهو ڪنداسين، جيڪو پيار ڪندڙ ڪندا آهن'."

مون پڇيو:

" چا پيار ڪندڙ فقط جسماني ويجهڙائيءَ جا طلبگار هوندا آهن؟ چا پيار فقط ميلاپ جو نالو آهي؟ چا ماڻهو پنهنجي حوس کي پيار جو نالو ڏئي ان کي پيار چئي رهيا آهن؟"

انيلا چيو:

" سوري جاويد، مونکي گهڻي چاڻ ناهي. بس مون پنهنجي حساب سان سوچيو ته تون به ائين ٿو چاهين، تنهنڪري تو به اڪيلائيءَ ۾ گهرايو، ۽ سڄي رات ملڻ لاءِ چيو."

مون چيو:

"چا سڄي رات صرف اهو ئي ڪم ڪنداسين؟"

انيلا ٿورو چڃي چيو:

"مونکي ناهي خبر ته تون مونسان چا ڪندين، پر... جاويد، منهنجي عزت جو خيال رکجان."

:مون سوچيو

"جڏهن تون پنهنجي عزت جو پاڻ خيال نٿي ڪرين، ته مونکي ڪهڙي پارت پئي ڪرين؟"

"تون جڏهن اڪيلائيءَ ۾ ڪنهن مرد سان ملندين، ته ڇا هو توکي ڇڏي ڏيندو؟"

".چائين: مونکي پلي نه ڇڏي مگر منهنجي عزت اهم آهي جاويد

:پر مون چيو

"انيلا، مونکي توکان به وڌيڪ تنهنجي عزت جو خيال آهي. تون ڇو ٿي پريشان ٿين؟"

:انيلا چيو

" سوري، منهنجي چوڻ جو اهو مطلب نه هيو. توکي جيئن وڻي، تيئن مون سان ڪر. مونکي ان جي پرواهه ناهي. جيڪڏهن ايئن هجي ها ته پيار نه ڪريان ها. پيار ته ڪيو ئي ان لاءِ ٿو وڃي..."

:مون ٿورو ڪاوڙجي پڇيو

"ڇا پيار فقط ان لاءِ ئي ڪيو ويندو آهي؟"

:چيائين

"بيو نه ته ڇا؟"

" پر جاويد، منهنجي چوڻ جو مطلب اهو هو ته ڪي چوڪرا چوڪرين کي اڪيلو گهرائي، پوءِ......."

:مون نرميءَ سان چيو

".ڇا مطلب؟ وضاحت ڪري ٻڌا انيلا"

:چيائين

" جاويد، تون ٻار ته ناهين؟ ڪي ڇوڪرا ڇوڪرين ڪي گهرائي نشو ڪرائن ٿا، پوءِ پنهنجي دوستن سان گڏجي زبردستي ڪن ٿا. وڊيوز ٺاهي، پوءِ حراسمينٽ ڪن ٿا. روز روز ملڻ ۽ پيسن جو مطالبو ڪن ٿا."

مون حيران ٿي پڇيو:

"ڇا؟ ماڻهون ايئن به ڪندا آهن؟"

جاويد کوڙ ماڻهو ايئن ڪندا آهن اسان جي اسٽاف جي هڪ ڇوڪري سان به اهڙو واقعو ٿيو هو. ڪراچيءَ جا ڇوڪرا کيس گهمائڻ جي نالي تي ٻاهر وٺي ويا، پوءِ مجبور ڪري زبردستي ڪئي وئي، وڊيوز ٺاهيون، پوءِ کيس ڌمڪيون ڏيڻ لڳا ته اسان سان ملڻ اچ ۽ اسان کي ايترا ايترا پئيسا موڪل. پوءِ ڇوڪري ذري گهٽ خودڪشي جي حد تائين پهچي وئي. پوءِ ڊاڪٽرن پوليس جي مدد سان وڊيوز ڊليٽ ڪرايون، ۽ ان ڇوڪري جي جان بچائي وئي.

مون چيو:

"نه انيلا، منهنجي نيت ايتري خراب ناهي. الله معاف ڪري، مان ائين ڪڏهن به نه ڪندس."

انيلا چيو:

" جاويد، توتي ئي ته ڀروسو آهي. تڏهن ته توسان پيار ٿي ڪريان. توکي خبر آهي مون توسان ڇو پيار ڪيو؟"

مون چيو:

"سوري، خاص خبر ناهي. تون پاڻ ٻڌاءِ."

چيائين:

"تنهنجي اندر ۾ انسانيت لاءِ احساس ڏسي. اهو جيڪو هر ڪنهن ۾ نه هوندو آهي."

مون دل ۾ سوچيو:

" ڇوڪريون ڪيتريون ساديون آهن ويچاريون. رڳو ٿوري محبت، ٿوري خرچ سان، اهي انسانيت جي اميد رکن ٿيون."

مون چيو:

انيلا، جاويد پنهنجو سر ته ڏئي سگهي ٿو، پر تنهنجي پروسي کي ڪڏهن به نٿو ٽوڙي سگهي، نه ئي "
".تنهنجي عزت تي وار ڪري ٿو سگهي

:انيلا ڪلندي چيو

".چلو، پوءِ ضرور ملنداسين. مونکي به خوشي ٿيندي توسان ملڻ جي"

:مون چيو

"پر ملنداسين ڪٿي؟"

:چيائين

".جتي تون چوين"

:مون چيو

".مون وٽ پنهنجي ڪا جڳهه ناهي"

:چيائين

".پوءِ ملاقات کي ڪينسل ڪر. جڳهه هجي ته ملنداسين"

:مون چيو

".ڪينسل ته نٿو ٿي سگهي"

"پوءِ چا؟"

:مون چيو

رات هوندي، منهنجي گاڏي هوندي، ڪٿي ٻاهر هليا ويندا سين، يا ته تون منهنجي گهر اچين گهر "
".هلنداسين

:چيائين

".ٻاهر کان گهر بهتر آهي"

مون چيو:

".پر منهنجو گھر حيدرآباد کان پري آهي"

چيائين:

"ته پوءِ مان بندوبست ڪريان؟"

مون چيو:

".ها، ڀيلي پوءِ ائين ڪر يار"

چيائين:

"هاڻ آچر ته اچڻ ڏي. تيسين صبر نه ٿو ٿئي ڇا؟"

مون چيو:

"!ڪٿي ٿو صبر ٿئي، انيلا"

۽ هاڻ جڏهن انيلا چيو ته "اڳين آچر تي ملنداسين"، ته وقت ڄڻ بيهي ويو. منٽ جيڪي اڳ اڏامي ويندا هئا، هاڻ ساهه کڻڻ لڳا هئا. ملاقات جي خوشيءَ ۾ هر پل ڄڻ ساهه جيان لڳي رهيو هو. هاڻ رڳو اڳين آچر جو انتظار هو، جتان پوءِ جي ڪهاڻي محبت جي نئين موڙ تي واڳ وٺندي.

## المنظر تي آيون اڪيلو 09

اڇٽو هو سو نيٺ اڳيون آچر به اچي ويو.

دل جي ڌڙڪن وڌيل هئي، ڇڻ هر ساهه انيلا سان ملاقات جو انتظار ڪري رهيو هو. آئون اڄ تمام جلد تيار ٿي ويس، هر ڳالهه جو خاص خيال رکندي. هن لاءِ گلاب جي خوشبو سان پريل پرفيوم لڳايو، ۽ هڪ گلاب جو گل به ورتو، جيڪو مونکي خبر هئي، سندس چهري تي مرڪ آڻي ڇڏيندو.

"نڪرڻ کان اڳ کيس رابطو ڪيو ويو ته: "ڪٿي ملبو ته؟

".انيلا چيو: "المنظر تي، ان کان پوءِ اڳتي لاءِ نڪرنداسين

شام جو پهر ٿيو. مون منهنجي يار لالا موسا کي فون ڪئي ته گاڏي کپي ٿي. لالا به اصل دير ئي نه ".ڪئي، گاڏي ڪاهي آيو. چيائين: "جي بيو ڪجھ کپي به، حڪم ڪر

".مون چيو: "نه، بس ايترو ڪافي آهي

گاڏي ڪڍي نڪتس محبوب سان هڪ خاص ملاقات لاءِ، جنهن لاءِ مون پورا ٻارهن ڏينهن صبر ڪيو هو.

.پر اهي ٻارهن ڏينهن ڇڻ ته ٻارهن صدين برابر مون مٿان گذريا هئا

ويندي گس ۾ عمراڻي جا وڻندڙ گانا گاڏي ۾ ٻڌندو آيس. اڌ ڪلاڪ ۾ المنظر تي اچي پهتس. سامهون ڏٺم ته انيلا پارڪ ۾ هڪ ننڍڙي بيچ تي ويٺي آهي. منهنجي گاڏي جا ڪارا شيشا هئا، مونکي انيلا نه ڏٺو هو. مون گاڏي بريڪ ڪئي ۽ انيلا کي ميسج ڪيو:

"سائين، ڪيئن محسوس ڪري رهيا آهيو؟"

:انيلا جي ٽائپنگ شروع ٿي، ميسج آيو

".تمام بهتر محسوس ڪري رهي آهيان، مگر تون جلدي اچ، انتظار ئي نه پيو ٿي"

:ته مون چيو

".سائين، توهان جي سامهون آهيان. رڳو توهان مٿي نظر ڪيو ته مونکي ڏسي وٺندؤ"

.انيلا هيڏانهن هوڏانهن لوٽا هڻڻ لڳي، مونکي تلاش ڪرڻ لڳي، مگر نه ڏسي سگهي

:ته اوچتو مان گاڏي تان لٿس ته انيلا هڪ خوبصورت انداز ۾ چيو

"او واو! ته اڄ جاويد صاحب ڪار ڪاهي آيو؟"

:مون چيو

".جي انيلا، اهو به اسپيشلي خاص توهان لاءِ"

"ماشاءَالله! اهو به خاص منهنجي لاءِ؟"

:مون چيو

".جي، اهو به خاص اوهان لاءِ"

"چلو، هاڻ ٻڌايو، ڪهڙي پاسي هلڻو آهي؟"

:چيائين

".هاڻ هلڻو اهڙي پاسي آهي، جو ڪڏهن واپسي نه اچي سگهون"

:مون چيو

".نه انيلا، هلنداسين به ۽ واپس به اينداسين"

".چلو انيلا، هاڻ گاڏي توهان هلايو، مان ڏسڪجي پيس گاڏي هلائيندي"

".جي سائين، ضرور"

.انيلا ڊرائيور سيٽ تي ويٺي ۽ گاڏي حيدرآباد طرف موڙي ڇڏي

:هلندي رستي ۾ انيلا جيان ميوزڪ کوليو ته عمراڻي جو اهو گانو اچي ويو

ايڏا قرب ڏيندين جي يار، ته هر هر ايندا سين،"

".اسان لاءِ وڇائيندي وار، ته هر هر ايندا سين

:انيلا چيو

واهه يار، عمراڻي جو گانو ته واه جو آ، پر وڏي ڳالهه آهي، اهڙي موقعي تي اهو گانو شروع ٿي "
"ويو؟

:مون چيو

".گهران نڪتس ته اهو ئي گانو هلائيندو آيس، ان ڪري اهو ئي هليو آهي"

هاڻ انيلا رش ۾ گاڏي هلائي رهي آهي، ڪيڏي رش آهي، مگر مونکي سا نظر نٿي اچي. منهنجون نظرون فقط انيلا ۾ اٽڪيل رهيون. مان ڪيس ڏسندو آيس ته: "ڪيڏي خوبصورت تخليق آهي خدا جي طرفان عورت ذات، جنهن ۾ هزارين احساس آهن،

جيڪو هڪ غير مرد کي ايڏو چاهيندي آهي، جو پنهنجي گهر وارن سان پڻ ڌوڪو ڪري به، مگر پنهنجي پيار ڪندڙ سان نڀائيندي آهي.

"پوءِ ماڻهو چو ٿا ان جي جذبن ۽ احساسن سان کيڏين؟

سچي واٽ بس انيلا ۾ نظر رهي.

اچانڪ انيلا گاڏي بريڪ ڪئي.

پڇا ڪيم:

"چو بريڪ ڪئي؟"

سامهون ڏٺم ته خوبصورت ۽ عاليشان فليٽ آهن.

انيلا گاڏي تان لٿي ۽ گيٽ تي بيٺل چوڪيدار سان ڪجھ ڳالهايي، ۽ ڪجھ پئسا ڏئي، واپس اچي گاڏي تي چڙهي.

گاڏي اندر ڪئي، وري گاڏي کي اندر پارڪ ۾ بيهاري، پوءِ اندر داخل ٿياسين. مٿي چار نمبر منزل تي فليٽ تي آياسين.

انيلا وٽ چاٻي هئي. دروازو کوليو، اندر داخل ٿياسين ته هڪ خوبصورت گهر، تمام بهترين ماحول.

هڪ پاسي بيڊ آهي، ٻي پاسي صوفا سيٽ رکيل آهن. انهن جي وچ ۾ شيشي جي ننڍڙي ٽيبل، جنهن تي ويهي آساني سان ڪجھ کائي به سگهون ٿا.

وري هيٺ هڪ توري وڇايل پئي آهي، مگر تمام صاف سٿرو ماحول.

سامهون الماڙي جي مٿان ٽي وي، جيڪا انيلا آن ڪري ڇڏي.

ڪمري جي ٿڌاڻ لاءِ ايئر ڪولر رکيل هو. انيلا جلدي ۾ ايئرڪولر به هلايو، مگر ان ۾ پاڻي نه هو.

انيلا جلدي ۾ وڃي واشروم مان بالٽي ڀري آئي، اهو پاڻي وڌو، وري ٻي بالٽي، وري ٽئين بالٽي، مگر انيلا کان پرجي ئي نه.

مون چيو:

"اڃا گهڻو پاڻي پوندو؟ ٻڌا پلا ته مان به ٻڌان سندرو؟"

چيائين:

".هن ۾ پاڻي ته جام پوندو، مگر هاڻ ايترو ڪوڙ اٿس"

مون شرارتي انداز ۾ چيو:

"چا هاڻ سچي رات هلي ويندو؟"

:چيائين

".هلي ويندو، جي نه هليو ته وري پاڻي وجهي وٺنداسين"

:مون چيو

"اوترو ڪنهن ۾ ست بچندو صحيح؟"

:چيائين

".من هڪڙي بالٽي ڪٽڻ جيتري همت بچي پوي"

:مون چيو

".مشڪل بچڻي"

:چيائين

"چا جاويد، سچي؟"

:مون چيو

".همممم، سچي"

:مشڪري انداز ۾ انيلا چيو

"واه سائين واه، ايڏو پاڻ تي باور اٿئي؟"

:مون چيو

پاڻ تي نه، مگر پنهنجي ڪاڏل ڪاڏن تي ڀروسو ضرور اٿم، ته هڪ شهري ڇوڪري ڪي ٿي سگهي "
".ٽڪائي ڇڏيان

".چلو ڏسون ٿا ته ڪير ٿو ٽڪجي"

.وري ٻه خوبصورت شيشي وارا گلاس ڪڍي آئي

:انيلا کان پڇيم

"هي گلاس ڇو؟"

:چيائين

".انهن ۾ به ڪم آهي"

"مگر ڪهڙو؟"

.اها ٻڌايان ٿي توکي، تون ترس ته سهي. سيٽنگ ڪرڻ ته ڏي"

"توکي پنهنجي ڪاڏن تي باور آهي نه؟

مون چيو:

"بلڪل."

ٿوري دير گذري ته دروازو وڳو. مان عام ڳوناٽو ماڻهو، منهنجو ته ڇڻ ساهه نڪري ويو. جهٽڪو ڏئي اٿيس، ڪٿان ڪڙڪي تلاش ڪرڻ لڳس ته هاڻ بس، بل هٽان ڪڙڪي مان.

انيلا کي چيم:

"او اتي، هاڻ مري وياسين."

انيلا چيو:

" ڪجهه ڪونهي، هي اهو گيٽ ڪيپر آهي، مون سامان گهرايو، اهو ڏيڻ لاءِ آيو آهي. هتي ڪير ڪونه ايندو، تون بي فڪر ٿي وڃ."

انيلا دروازو کوليو، شاپر هٿ ۾ ڪري آئي، جنهن ۾ ڪجهه فروٽ ۽ سامان ڏسڻ ۾ پيو آيو.

آٽي، ٽيبل تي رکيايائين. جڏهن کوليايائين ته عجيب قسم جون په بوتلون هيون، جيڪي مون زندگي ۾ اڄ ڏٺيون هيون.

هڪ عام پيپسي بوتل هئي.

هڪ سگريٽن جو پيڪٽ هو، جنهن ۾ بينسن جا سگريٽ هئا، جيڪي سگريٽ به مون پنهنجي زندگي ۾ پهرين ڇڪر ڏٺا هئا.

انيلا کي چيم:

"هي سڀ ڪجهه ڇا آهي؟"

چيائين:

"هي سڀ ڪجهه ڪم جون شيون آهن، پر تون ترس ٿورو."

ڏسي رهيو هس T.v مان بيڊ تي ليٽيو.

"انيلا سڄي سيٽنگ ڪري رهي هئي نيٽ سيٽنگ ڪري مونکي سڏ ڪيو.

ان سگريٽ جي پيڪيٽ مان ٻ سگريٽ ڪڍيا ۽ انهن مان هڪڙي بوتل کولي جنهن مان هڪ عجيب خوشبو محسوس ٿيڻ لڳو" ته مون چيو:

يار هي ته مونکي وسڪي يا ڪو شراب ٿو لڳي ؟

انيلا ڪلي چيو نه ڙي چريا هي ولائيتي بوتل آهي ڪڏهن پيتي اٿيئي ؟

.مون چيو: نه يار پيئڻ ته پنهنجي جاء تي مگر مان هي ڏسان به پهريون ڀيرو پيو

.. انيلا سگريٽ دکايو پوء وجي پگڙن جي برني ڪڍي آئي

وري ان ولائيتي بوتل مان ڪجھ گلاس ۾ ڪيو ۽ پيپسي بوتل مڪس ڪري هڪ گلاس ڀريو وري بيو گلاس ڀريو هاڻ سگريٽ جا ڪش هڻي پئي" ان گلاس مان ڍڪ ڀري پئي" ۽ مان عجيب ڪيفيت .. مان انيلا کي ڏسي رهيو آهيان يار هي ته جڻ ڪا وڏي موالي آهي

مونکي چيائين تون به پي نه ؟

مون به گلاس کنيو ڍڪ ڀريو ته ڪڙو زهر محسوس ٿيڻ لڳو مون چيو هي ولائيتي بوتل آهي ؟

چيائين: هي ولائيتي بوتل نه بيئر آهي ڪڏهن پيتو اٿيئي ؟

مون چيو: نه يار ڪڏهن ڪون پيتو پر توهان ڇوڪريون هي سڀ ڪجھ ؟

. چيائين ان ڳالھ کي ڇڏي ڏي تون مانڙي ڪري پي

.هاڻ سگريٽ جا ڪش هڻندي پئي اها بوتل به پي رهيا آهيون

ٿوري دير ڪان پوء مون محسوس ڪيو ته جڻ هاڻ منهنجي جسم ۾ وڏي جان اچڻ لڳي جيڪو خؤف .. پئو هيو سڀ ختم ٿي ويا

:انيلا ڪلندي چيو

هاڻ؟

:مون چيو

هاڻ جيئن چوين.؟

چيائين هاڻ هل بيڊ تي ته تنهنجي ڪاڌن جي خبر پوي تنهنجا ڪاڌا زور آهن يا منهنجا ؟

".مون چيو هل

# المنظر تي آئون اڪيلو 10

انيلا وچي بيڊ تي ليٽي پئي. ڪليل وار، ننڍڙو چهرو، ننڍڙيون اکڙيون، چپن تي هڪ خوبصورت مرڪ. جيئن مون ڏانهن نظر اچلايائين، ته چڻ منهنجو سڄو جسم ڏڪڻ لڳو. سيني جي اندر دل ٺڪاءَ ڏي ڦاٽي پئي.

مان وچي ان وچايل قالين تي ڪري پيس. انيلا رڙ ڪري منهنجي طرف ڀڳي آئي. مان بيهوش ٿي ويس.

وڏي دير کان پوءِ هوش آيم ته ڏسان، سڀ مونکي گهيري بيٺا هئا: انيلا، مهوش، ادي سائرا، ۽ اها ئي ڇوڪري جيڪا المنظر تي انيلا سان ڀهرين ڏينهن گڏ هئي.

مان هڪ اسپتال ۾ پيو هوس. منهنجي مٿي تي پٽي ٻڌل هئي.

مون اٿڻ جي ڪوشش ڪئي ته مهوش مونکي ٻانهن کان جهليندي آرام سان سمهاريو. مون چيو:

"مهوش، انيلا ڪٿي آهي؟"

اوچتو انيلا رُئندي مون مٿان ڪري پئي.

"جاويد، توکي ڇا ٿيو؟ جاويد، توکي ڇا ٿيو؟"

سائرا انيلا کي حوصلو ڏيڻ لاءِ ڪيس مٿي کنيو. انيلا، سائرا کي ڀاڪر وجهي وڏي سڏڪن سان روئڻ لڳي.

مهوش منهنجي ويجهو ويٺي هئي. منهنجي وارن ۾ پنهنجون سنهڙيون آڱريون ڦيرائي رهي هئي، هڪ نرم مرڪ سان مون ڏانهن نهاري رهي هئي. مان وڏي اعتبار سان کيس ڏسي رهيو هوس.

تيسين، المنظر واري ڇوڪري سويون ڀري آئي. مهوش منهنجي ٻانهن سڌي ڪري چڙهي. اها ڇوڪري چڻ منهنجي رڳن ۾ زهر اوتاري وئي.

.وري مونکي وڏي سڪون جي ننڊ اچي ويئي. الله ڄاڻي ڪڏهن هوش آيو

اکيون کوليم ته پاڻ کي ساڳئي گهر جي بيڊ تي محسوس ڪيم. انيلا، سائرا ۽ مهوش صوفن تي ويٺيون هيون.

:مون جيئن اکيون کوليون، ته ٻوڙي آيون. انيلا وڏي رڙ ڪندي چيو

"جاويد! تون ٺيڪ ته آهين؟"

".مون ڪنڌ لوڏيندي چيو: "ها، مان ٺيڪ آهيان

.آهستي آهستي منهنجو جسم گرم ٿيڻ لڳو. مونکي پنهنجي بي ساهه ٿيل جان تي پروسو ٿيڻ لڳو

انيلا مونکي هٿ وجهي ويهاريو. مهوش وچي فرج مان پاڻي جي بوتل کڻي آئي. مونکي پاڻ پياريو، مگر نمڪين وارو پاڻي هو. آهستي آهستي شام تائين ڳالهاڻ جهڙو ٿي ويس.

"انيلا مونکان پڇيو: "ڇا ٿيو جاويد؟

".مون چيو: "يار، الله ڄاڻي ڇا ٿيو

"هاڻ ته ٺيڪ آهين؟"

".جي ها، هاڻ ٺيڪ آهيان"

.انيلا منهن ۾ گهنج وجهي مونکي چيرا ڪڍيا

هلڪي مرڪ سان نظرون کڻي کيس ڏسڻ لڳس، مونکي لڳو ڄڻ مان جنت ۾ هوس. منهنجي اڳيان هڪڙي خوبصورت حور ويٺي هئي.

"..مرڪي رهي هئي"

.تيسين، مهوش تازا فروٽ ڪٽي آئي، ڪٽيل ۽ ٺهيل

هاڻ چارئي گڏجي فروٽ کائي رهيا آهيون. ۽ انيلا مونکان پڇي رهي آهي ته تو وارا اهي ڪاڏا ؟

.. مون چيو: مونکي پاڻ کاڌن جي خبر ناهي ته اهي ڪاڏا ڪاڏي ويا

.. مهوش, وڏا ٺهڪ ڏيئي کلي رهي آهي

انيلا جي موبائيل وڄڻ لڳي انيلا ان سان ڳالهائي منهنجي پارٽ مهوش کي ڪندي پاڻ جلدي جلدي ۾ نڪري وئي اهو چئي وئي ته مان جلدي ايندس جيسين مهوش وٽ ويٺي آهي

# المنظر تي آئون اڪيلو 11

رات جي خاموشيءَ ۾ ڪمري جو ماحول ڪنهن عجيب چرڪائيندڙ سڪون سان ڀريل هو. مان بيڊ تي اڪيلو ليٽيو پيو هئس، اندر جسم ۾ هلڪو ڏک ۽ ذهن ۾ ڪيئي سوال هيا. مهوش ۽ اها ئي ڇوڪري، جن جو ساٿ ان درد مان ٻاهر اچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، منهنجي سامهون صوفي تي ويٺيون هيون.

سا ڇوڪري منهنجي تندرستي ڏسي نرم مرڪ سان چيو:

"هاڻ ته جاويد جي حالت ٺيڪ ٿي وئي آهي، مان به هلان ٿي. سڀاڻي ايندس."

ايئن چئي" هوءَ خاموشيءَ سان نڪري وئي. در جو نرم آواز، روشنيءَ جي چمڪ ۽ مهوش جي موجودگيءَ، ڪمري جي ماحول کي وڌيڪ پراسرار بڻائي ڇڏيو.

مهوش، در بند ڪري، ماٺ ماٺ ۾ اچي بيڊ تي منهنجي ڀرسان ليٽي. نه هن ڪجهه چيو، نه مون. رڳو سندس موجودگي، سندس سانس، سندس خوشبو، رڳو گرم ساهن جو آواز محسوس ٿيڻ لڳو. هن پنهنجو هٿ منهنجي ڪنڌ هيٺ رکي، ۽ مونکي ڏسڻ لڳي.

مان به هن ڏانهن نهاريندو رهيس. مهوش جو چهرو، هن جي اکين ۾ لڪل احساس، ڪنهن بي آواز شاعري وانگر منهنجي دل تي لکي رهيا هئا. هوءَ خاموش هئي، پر سندس خاموشي هزار لفظ چئي رهي هئي. منهنجي دل ايتري زور سان ڌڙڪڻ لڳي، ڄڻ سينو چيري نڪري ايندي.

مهوش آهستي سان منهنجي سيني تي هٿ رکيو. سندس نرم آڱريون منهنجي قميص جا بٽڻ کولڻ لڳيون. مون دلڪشيءَ سان چيو:

"مهوش...؟"

"جي" سرگوشيءَ وانگر چيائين، "...

مون پنهنجون ٻانهون وڌايون، هن کي ڀاڪر ۾ ورتي، نرم طريقي سان پاڻ تي جهڪي آندم. هوءَ منهنجي مٿان اچي ڪنڌ رکي ڏنو. مهوش منهنجي ڳل تي هڪ نازڪ چمي ڏني. ان نرميءَ ۾، ان پيار ڀري لمس ۾، وقت ڄڻ بيهي ويو هو.

سندس ڪليل وارن ۾ منهنجو چهر مڪمل لڪي ويو هو. مهوش جي منهن تي هلڪو هڪلو پگهر، ۽ وارن مان اهڙي ته خوشبو اچي رهي هئي، جو دل ۾ سوچان پيو وري نه بيهوش ٿي وڃان...

پاڻ کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي، ڪجھ چر پر ڪيم ته مهوش چيو:

"ڇا ٿيو سائين؟"

".مون چيو: "ڪجھ نه

"پوءِ؟"

مون چيو: "توهان جي حسن کي ايڏو قريب کان ڏسي نٿو سگهان، ڇڻ دل وري سست ٿي رهي "...آهي

".نه جاني، حسن ته توهان جو ڪمال آهي"

.اها ڳالھ ڪري مهوش منهنجي ڇپن تي پنهنجا چپ رکي ڇڏيا

مون کيس ڀاڪر ۾ وڏي زور سان ڀري ورتو. هوءَ هڪ پل لاءِ ڄڻ ڇوليون ٿي وئي" منهنجي ڌڙڪن سان ڌڙڪڻ لڳي. سندس وجود جي گرمي، سندس مهڪ، منهنجي وجود ۾ ساهه وانگر پکڙجڻ .لڳي

توکي خبر آهي،" مهوش چيو، "جڏهن تون مونکي اهڙي نموني ڀاڪر ۾ ڀرين ٿو، ته مونکي لڳي ٿو " "...ته سڄي دنيا وساري ڇڏيان

هوءَ آهستي منهنجي ڇهري تي هٿ ڦيرائيندي، منهنجي اکين ۾ نهاريندي رهي. سندس نرم آواز، سندس آڱرين جي جنبش، سندس پيار ڀريو انداز، اهي سڀ مون لاءِ ڪنهن سپني وانگر هئا. مهوش بيحد نازڪ محسوس ٿي رهي هئي، جنهن کي ڇيري ڦاڙي ڇڏڻ منهنجي لاء ڪائي ڳالھ نه هئي. ايئن ٿي .لڳي ڄڻ ڪنول جي پنکڙي، جيڪا ساهه کڻڻ سان به لوڏي پئي

هوءَ آهستي پنهنجي پير جي آڱوٺي سان منهنجي سلوار کي ڇڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ان مضبوط .اڳٺ واري سلوار وٽ سندس شرارتي ڪوشش ناڪام رهي

.ڇو نٿي لهي؟" هن مرڪندي پڇيو"

:مون به مرڪ سان چيو

".مضبوطيءَ سان ٻڌل آهي، نه لهي سگهندي"

"ڇو، توهان ربڙ نه ٿا پايو ڇا؟"

".مون چيو: "ايڏي سلوار ربڙ سان بيهندي ڪونه

"مهوش چيو: "پلا، سڄي شامياني کي پائڻ ضروري آهي ڇا؟

اسان ٻئي کلڻ لڳاسين، مگر اها ڪل فقط مزاق نه هئي—اها ويجهڙائپ، عشق، ۽ چاهت سان ڀريل هئي.

مهوش آهستي پنهنجو پرس کوليو، ۽ ان مان هڪ ڪنڊم ڪڍي، نرميءَ سان منهنجي نظرن ۾ نهاريندي چيائين:

"...منهنجو خيال رکجان"

هن آهستي پنهنجا ڪپڙا لاٿا، مان سندس هر حرڪت کي ڪنهن عبادت وانگر ڏسندو رهيس. هوءَ روشنيءَ ۾ هڪ مجسم حسن لڳي رهي هئي. پوءِ منهنجا ڪپڙا به لاٿيائين، بي حد نرميءَ سان، ڄڻ وقت کي ئي آهستگيءَ سان سلهاڙي رهي هجي.

هوءَ آهستي منهنجي مٿان آئي، ۽ اسان جي وچ ۾ هاڻ ڪا به حد نه رهي. اسان جي وچ ۾ فقط ساهه هو، ڌڙڪنيون هيون، ۽ پيار هو.

اسان هڪٻئي ۾ گم ٿي وياسين. لمحو لمحي ۾ تبديل ٿيندو ويو—ساهه سان ساهه مليو، جڏهن جسم هڪ ٻي جي وڌيڪ قريب ٿيڻ لڳا ته مونکي محسوس ٿيو مهوش جو جسم تمام گرم آهي، ڇو ته مهوش خد ئي چيو ته:

"سائين، توهان ته ڪنهن برف وانگر ٿڌا آهيو، ڇو؟"

مون چيو: "بلڪل، منهنجو جسم ٿڌو آهي."

مونکي هاڻ ياد ناهي، مگر هڪ بيماري ٻڌايو هو مهوش، ته ان جي ڪري ٿڌو آهي، ان لاءِ دوا وٺ، ٺيڪ ٿي ويندين...

احساس سان احساس. عشق پنهنجي مڪمل شڪل اختيار ڪئي.

ڪا خبر ئي پئي ته ڇا ٿي ويو، مگر جڏهن هوش آيو، ڏٺم ته مهوش منهنجي پرسان ليٽي پئي آ. سندس چهرو پگهر سان چمڪي رهيو هو، پر سندس اکين ۾ اطمينان هو.

مهوش، ٺيڪ آهين؟" مون محبت سان پڇيو."

"ها، بس... ايتري ته آتش هئي، جو پاڻ کي وساري وياسين."

هوءَ آهستي اٿي، منهنجا ڪپڙا کڻي آئي، پيار سان مونکي پارائڻ لڳي. پوءِ جڏهن اڳٺ جي ڳولا شروع ٿي ته اڳٺ اندر ابداڻي ۾ ڦاسي پيو، جنهن کي هاڻ نئي سر ڪڍي وري وجهڻو هو...

"مهوش کي چيم: "ڪيينس".

مهوش اڳٺ ته ڪيو، پر سڄي سلوار پکڙجي وئي. مهوش سلوار جو هڪڙو پاسو مونکي ڏنو، ٻيو پاڻ کنيو، ڪمري کان به اڳتي وڃڻ لڳو. مهوش وٺي کلڻ لڳي:

"ته يار، هي ڪير ڏوئيندو آ؟"

مون چيو: "گهر وارا ڏوئيندا آهن".

"چا توهان سڀ ايڏيون وڏيون سلوارون پائيندا آهيو؟"

مون چيو: "جي نه".

"پوءِ تون چو ٿو پائين؟"

مون چيو: "مونکي ڪنهن چوڪري فرمائيش ڪئي ته مردن کي وڏيون سلوارون ٺهنديون آهن، اهي پاء، ان ڪري پايان ٿو".

چيائين: "اها چوڪري اجان آهي؟"

مون چيو: "جي نه، هاڻ ناهي".

"پوءِ هاڻ پائڻ ڇڏي چو نٿا ڏيو؟"

مون چيو: "هاڻ منهنجو پنهنجو شوق ٿي ويو".

"اچا ٺيڪ آهي، مگر هن هيڏي ۾ اڳٺ ڪيئن پوندو؟"

مون چيو: "اڳٺ وجهڻي ڪٽي اچ، ته مان پاڻ ٿو اڳٺ وجهانس".

مهوش ڳوليو، مگر هٿ ڪون آيو، پوء پين ڪٽي آيي. پين جي مدد سان مهوش جيسين اڳٺ وڌو، ۽ مان واشروم مان وهنجي آيس، اچي ڪپڙا پاتم.

ته اسان وري به هڪٻئي سان مسڪرائڻ لڳاسين. ڇڻ عشق جي شور مان، خاموشيءَ جا گل وسامي رهيا هجن.

# المنظر تي آئون اڪيلو 12

"مهوش ڪان موبائيل جي پڇا ڪئي ته، "موبائيل ڪٿي آهي؟

:مهوش ڪبٽ مان موبائيل ڪڍي ڏنو. وقت ڏنم ته رات جا ڏهه ٿي رهيا هئا. مون مهوش کي چيو

يار، هاڻ مونکي وڃڻ کپي. اڄ ٻي رات آهي جو مان گهر کان ٻاهر آهيان. گهر وارا پريشان ٿين يا " نه، پر پرائي گاڏي ڪاهي آيو آهيان، سو ڏٽي به پريشان هوندو. تنهنڪري منهنجي سمجهه ۾ نڪرڻ ".کپي. انيلا دير سان ايندي

".مهوش مرڪندي چيو، "ها پلي، تون نڪري وڃ. انيلا شايد دير سان ايندي

".مون چيو، "بلڪل، وڃڻ کپي

.اسين ٻئي فليٽ مان نڪري آياسين. انيلا سان فون تي رابطو ٿيو

"گاڏي مونسان آهي. جاويد تون ته ٺيڪ آهين نه؟"

".مون چيو، "بلڪل، شهزادي، مان هاڻ بلڪل ٺيڪ آهيان

".چلو، مان بس اچان ٿي، اڌ ڪلاڪ ۾"

".چڱو، جلدي اچ اسين تنهنجو انتظار ٿا ڪيون"

مهوش ۽ مان آهستي آهستي فليٽ کان ٻاهر نڪتاسين ۽ هوٽل تي اچي فيملي هال ۾ ويٺاسين. مهوش :منهنجي سامهون ويٺي، پر رڳو نظرون مون تي، هٿ منهنجي هٿ تي رکي چيائين

"جاويد، ڪڏهن چڙي ته نه ويندين؟"

"مون چيو، "مهوش، تون خوب ڄاڻين ٿي ته مان ڪنهن سان ٿو پيار ڪيان؟

ها، مان ڄاڻان ٿي، پر پليز جاويد، مان اوهان کان سواءِ رهي نٿي سگهان. پلي اوهان انيلا سان به "
"پيار ڪيو، پر منهنجي به پارٽ آهي، پليز؟

مون چيو، "چري، سنڌي ۾ چوڻي آهي: ٻه گدرا ڪڏهن به هڪڙي هٿ ۾ نه ٿهندا. پوءِ ڇا هي انيلا
"سان دوکي جي مترادف نه ٿيندو؟

"چيائين، "ڇا انيلا کي تون پنهنجو سڄڻ ٿو سمجهين؟

مون چيو، "مهوش، مان انيلا جي باري ۾ هڪ لفظ به ٻڌڻ نٿو چاهيان. پلي هوءَ منهنجي سڄڻ نه
".هجي، پر مان انيلا سان دوکو نه ڪندس

"مهوش مرڪندي چيو، "هي جيڪو ڪجهه پهرين ڪري آيو آهين، ڇا اهو انيلا سان دوکو نه هو؟

".مون چيو، "اهو به تنهنجي سر جي ڪري ڪيو، نه ته ڪڏهن به نه ڪريان ها

"پوءِ هاڻ به منهنجي سر جي ڪري پاڻ سان رکو نه؟"

".مهوش، سمجهڻ جي ڪوشش ڪر، جاني"

"مونسان شادي ڪري، پوءِ انيلا کي گرل فرينڊ طور رک؟"

"انيلا ايئن ڪرڻ ڏيندي؟"

"ڇا تون انيلا سان شادي ڪندين؟"

".بلڪل، مان انيلا سان شادي ئي ڪندس"

"اها به ان ڇوڪري سان جنهن جا ٻي ٻواءِ فرينڊ هجن؟"

"مون وڏي تعجب سان پڇيو، "ڇا؟ انيلا جا ٽي بواءِ فرينڊ؟

".ها، پلي، اڇي موبائيل وٺي چيڪ ڪري ڏس"

".نه هاڻي نه، ٻي دفعي چيڪ ڪندس"

".مهوش چيو، "توکي پنهنجو موبائيل ڏيندي ئي ڪونه

".مون چيو، "مون کي ضرور ڏيندي

".اڇي ته وٺي ڏيکارجانس"

".ضرور وٺندس، پر هاڻي توتي شڪ ڪندي، ان ڪري ٻي دفعي موقعو ڏسي وٺندس"

.اسان ڪچهريون ڪري رهيا هئاسين ته انيلا جي ڪال اچي ويئي

"توهان ڪٿي آهيو؟"

".مون چيو، "اسين برابر واري هوٽل تي ويٺا آهيون

:مهوش يڪدم حيران ٿي، منهنجو هٿ پڪڙي چيائين

".قسم ڏي، پليز، انيلا سان ڪڏهن به ڳالهه نه ڪجان ته پنهنجي وچ ۾ ڇا ٿيو هو"

".مون چيو، "تون فڪر نه ڪر، انيلا کي خبر نه پوندي

"مهوش هڪ خوبصورت مرڪ سان چيو، "سچي جاويد؟

".مون چيو: "جي

:اسان ويٺا ئي هئاسين ته انيلا اچي ويئي. رڙ ڪري مهوش کي چيائين

"مون توکي چيو هو جاويد جو خيال رکجان. يا هوٽلن تي رلائيندس ؟"

".مهوش چيو، قسم سان "جاويد پاڻ آيو، ضد ڪري

"چا جاويد، مهوش سچ ٿي چوي؟"

".جي، انيلا، مهوش سچ ٿي چوي. مان پاڻ آيس"

"تون ڪاڏي ويئي هئين؟"

".گهران ڪال آئي هئي. بابا چيو ڪم آهي. امي کي ٻاهر دوا لاءِ وٺي وڃڻو هو"

"پوءِ هاڻ چا، مونکي اجازت آهي؟"

"اجازت ڪهڙي؟"

پڳلي، ٽيو ڏينهن کان گهران نڪتل آهيان. گهر وارا ته پريشان ٿين يا نه، پر گاڏي وارو ضرور " پريشان هوندو. اچڪلهه جي دور ۾ ڪير موٽر سائيڪل به نٿي ڏي؟ هن کي شابس هجي، ڪار ڏئي ".چڏيائين

".پر تو لاءِ خوشخبري آهي"

"حڪم ڪر، ڪهڙي خوشخبري؟"

".چلو، اهو فون تي ٻڌائيندس. هاڻ هل، اسان کي اسپتال ڇڏ، پوءِ پلي وڃ"

".مون مهوش کي چيو، "چلو، هاڻ تون گاڏي ڊرائيو ڪر، اسان پويان ٿا ويهون

:اسان پويان سيٽ تي ويٺاسين. انيلا ڪنڌ منهنجي ڪلهي تي رکي چيو

"جاويد، هاڻ تون ٺيڪ ته آهين نه؟"

".جي راڻي، هاڻ مان بلڪل ٺيڪ آهيان"

"چريا، تون مونکي ٻڌائين ها ته سهي، ته تون نشو وغيره نه ڪندو آهين؟"

مون چيو : "چري"مون ڪڏهن نشو ڪيو ئي ناهي. سوچيم ته نارمل هوندو، مگر هن ته هوش ئي
".خطا ڪري ڇڏيا. يار، هي ته صفا خطرناڪ نشو آهي

"انيلا، تون به وعدو ڪر ته تون به اهو نشو نه ڪندين؟"

".مان پاڻ ٿوري ئي ڪندي آهيان. هي ته اڄ تنهنجي ڪري گهرايو هو"

".واهه واهه، مونکي پڇين ها ته سهي"

"ڇا تون ٿپ نشو نه ڪندو آهين ڇا؟"

".نه يار، مون ته اهي ڏٺا ئي پهرين ڇڪر آهن"

".اڇا، مگر هتي شهر ۾ ته ڇوڪرا جام نشو ڪندا آهن"

".ڪندا هوندا، مگر مان نه ڪندو آهيان"

:اسان ڳالهين ۾ هئاسين ته مهوش گاڏي بريڪ ڪئي ۽ چيائين

"سائين، اگر ڳالهيون ختم ٿي ويون هجن ته هاڻ لهجو؟"

".انيلا چيو، "تون لهي وڃ، مان وڃان ٿي پنهنجي جاويد سان

مهوش، ڪاوڙ جي حالت ۾، انيلا کي ڏسڻ لڳي، پر انيلا نه ڏٺو مهوش کي. مهوش گاڏي تان لٿي. مون انيلا کي چيو:

".چلو، هاڻ تون به هيٺ لهه ته مان به وڃان"

:مهوش وڃڻ لڳي، مون دروازو کولي هڪل ڪئي

"مهوش، موٽي آءِ، منهنجي انيلا کي به وٺي وڃ نه؟"

"چيائين، "سائين، تنهنجي انيلا ته توسان گڏ ٿي هلي نه؟

".مون چيو، "نه چري، توسان مذاق ڪري رهيو هوس

.انيلا لٿي. مون گاڏي ڪڍي. رات ٻارنهن ٿيڻ وارا هئا، جڏهن گهر پهتس

## المنظر تي آيون اڪيلو 13

:گهر پهچي انيلا کي ميسج ڪيم

"چلو، هاڻ جلدي ٻڌاءِ، ڪهڙي خوشخبري هئي؟"

:انيلا چيو

".نه، هاڻ نه، تون سڪون سان آرام ڪر، سڀاڻي توکي ٻڌائيندس"

:مون گهڻو ئي چيو، مگر انيلا چيو

".بلڪل نه، هن وقت تون ٿڪل آهين، تنهن لاءِ ضروري آهي ته تون آرام ڪرين"

".چڱو انيلا، تنهنجي مرضي"

".منهنجي مرضي کي ڇڏ، ۽ ها، سمهي ره، جلدي سان"

او حاضر سائين، توهان ته هاڻ ئي ننڍن ٻارن وانگر داٻا ڏيئي، ٿا سمهاريو، پوءِ ڪهڙو ظلم ڪندئو " "مون فقير سان؟

:چيائين

"!توسان ئي ته ظلم  ڪرڻو آهي"

:مون چيو

"!ان ۾ ڪو شڪ به ناهي، هيءَ جيڪو ڪالهه تو ظلم ڪيو، شايد ئي ڪو ڪنهن تي ڪندو هجي"

".اوئي جاويد، توکي ته مارڻ جو ئي پروگرام هو، مگر تنهنجي حياتي جو بچي وئين"

.لفظ ته سچا هئا، پر لهجي اهڙي ۾ هئا، جو سڪون ڏئي رهيا هئا، ۽ ٻڌي دل خوش ٿي رهي هئي

:انيلا چيو

".چلو جاويد، هاڻ تون آرام ڪر"

:مون چيو

"!Why not هممم، "

"!هاها، سمهي ره ته وري نشا نه چڙهي وڃنئي"

.انيلا ڪال بند ڪئي. مون موبائيل وائبريٽ تي رکي، پاسي ۾ رکي سمهي رهيس

.ننڊ اڃڻ واري ئي هئي ته موبائيل وائبريٽ وڃڻ شروع ٿيو. ڪٽي ڏٺم ته مهوش جي ڪال هئي

:ڪال اٽينڊ ڪيم، جلدي اور تڪڙ ۾ مهوش چيو

"!اسلام سائين"

".وعليڪم اسلام"

"جاويد صاحب، سمهي رهيا آهيو ڇا؟"

:مون چيو

"جي، مگر توهان حڪم ڪيو، ڪو ڪم هو ڇا؟"

"!جي نه ته"

"پوءِ؟"

"ڇا ڪو ڪم هجي ته ڪال ڪيان، ايئن نه ٿي ڪري سگهان ڇا؟"

:مون چيو

".شهزادي، ڀلي ڪيو، مگر مون ايئن پڇيو، ڇو ته هاڻ ئي ته تو وٽان ٿي اچان پيو"

"اڇا سوري، انيلا سان رابطو ٿيو؟"

:مون چيو

"!جي"

"اڇا، انيلا ڪهڙي خوشخبري ڏني؟"

".سوري، مون پڇا ضرور ڪئي مگر انيلا هن وقت ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو"

"ڇو؟"

".خبر ناهي ڇو، مگر هاڻ ئي منع ڪري ويئي آهي"

"اڇا، مان توکي انيلا جي خوشخبري ٻڌايان؟"

سوري، توهان رهڻ ڏيو، ڇو ته انيلا مونکي سرپرائز ڏيڻ ٿي چاهي، ته مان کيس سندس زبان مان "
".ٻڌڻ ٿو چاهيان

"!اڇا پلي، پر توکي مبارڪون هجن"

"ڇا جون مبارڪون؟"

".اهو هاڻ توکي انيلا ٻڌائيندي"

"چلو، انيلا هاڻ ڪٿي آهي؟"

".انيلا پنهنجي وارڊ ۾ هوندي"

"۽ تون؟"

".مان پنهنجي وارڊ ۾"

"!اڇا، چلو، توهان کي مون جهڙي غريب مريضن جي پارت هجي يار"

"تون ۽ غريب؟"

:مون چيو

"!اڙي، سچي غريب آهيان پڳلي"

جويد تون ڪيڏو پيارو آهين يار ڪاش انيلا جيترو پيار تون مونسان ڪرين ها ؟

مون مزاڪي انداز ۾ چيو اوئي ٿي سگهي ٿو انيلا کان وڌيڪ توکي چاهيندو هجان ته ؟

ڇا جويد تون سچ ٿو چوين ؟

. جي مهوش مان سچ ٿو چوان

I Love U Yaar.

I Love U Too.

.ڪافي مهوش سان ڪچهري ٿي. نيٺ مهوش کان موڪلايم، سمهي رهيس

صبح ٿي، انيلا ۽ مهوش ٻنهي جا ميسج اسڪرين تي ڏسڻ ۾ آيا. مهوش تي ڪاوڙ به لڳي، مگر ڪنٽرول ڪري ويس. ٻنهي کي جواب ڏنم.

:ٻنهي سان ميسجن تي ڳالهه ٻولهه شروع ٿي. ٿوري دير ڪچهري ٿي، انيلا چيو

".اوڪي، بائي، مان وجان ٿي فريش ٿيڻ"

مگر مهوش جان ئي نه ڇڏي، ايتري قدر جو مون پاڻ منع ڪئي ته مان بزي آهيان، بعد ۾ ڪچهري ڪيون ٿا.

:چيائين

"مان وجان ٿي انيلا کي ڏسڻ جي، ان ڳالهائيندي ڏٺومائين ته پوءِ خبر اٿيي منهنجي؟"

:مون چيو

"!ها، پلي وجي ڏس"

:چلو، مهوش کان جان ڇڏائي، فريش ٿي آيس، ناشتو پيئي ڪيم، ته انيلا جو ميسج آيو

"سائين، ڪال ڪري سگهان ٿي؟"

:مون چيو

"!سائين، بلڪل ڪري سگهو ٿا"

:انيلا جي ڪال آئي. رسمي طور حال احوال ٿيو. مون پڇيو

"چلو، هاڻ ٻڌايو، خوشخبري؟"

:چيائين

"!هاڻ نه"

:مون چيو

يار انيلا، تنگ نه ڪر، قسم سان، مان رات ڪيئن گذاري، سا ته شايد توکي ناهي خبر، باقي هاڻ "
"!ضد نه ڪر، جلدي ٻڌا

:چيائين

"جي نه ٻڌايان ته؟"

:مون چيو

"پوءِ ڪهڙو تون پري آهين؟"

:چيائين

"ڇا تون مون وٽ ايندين ڇا؟"

:مون چيو

"ٻيو نه ته ڇا؟"

"!اڇا، هاڻ ته ٿپ نه ٻڌايان، پلي ته اچين"

:مون چيو

"پليز انيلا، ڇڏ مشڪري، ٻڌا جلدي، ڇا ڳالهه آهي؟"

:چيائين

"!يار، قسم سان توکي تنگ ڪرڻ ۾ وڏو مزو ايندو آهي"

:مون چيو

"!هاڻ گهڻو تنگ ڪيو اٿئي، هاڻ ڪٿي ٻڌا به"

چيائين:

"!ها پٽ، منهنجي امي سان مون تنهنجي ڳالهه ڪئي آهي. هوءَ توسان ڳالهائڻ ٿي چاهي"

مون چيو:

"هيءُ ڇا ڪيُي! هاڻ ته هٿ سان مارايو ٿي، ٻيو بچايو ڇا اٿئي؟"

چيائين:

".ساهه نه وڃنئي، تون ڳالهائي ته ڏسينس. توکي ڪجهه چوڻ ٿي چاهي"

مون چيو:

"!مگر انيلا مونکي ڊپ ٿو لڳي"

چيائين:

"!مان توسان گڏ هوندس، تون فڪر نه ڪر"

جاويد" تون سمجهڻ جي ڪوشش ڪر ان ۾ پنهنجي ئي ڪا ڀلائي آهي. تون ضرور ڳالهائجان امي سان."'

مون چيو: مگر هن وقت ته مان گهر ۾ آهيان پوء ؟

"!چلو، ٻن پهرن جو ڳالهائجانس"

مون چيو : چلو تون چوين ٿي ته ڪوشش ڪندس اگر دل ٻڌي سگهيس ته" پر يار انيلا فقير ماڻهو آهيان مونکي ڊپ لڳندو آ وڏين مائين کان."

.. انيلا وٺي ٺهڪ ڏيڻ لڳي ته واقعي آهين وڏو ڪو بادشاهه

ٻن پهرن ڌاري انيلا جو ميسج آيو جاويد ڇا تون فري آهين ؟"

.. مون چيو بلڪل فري آهيان

.چلو مان ڪال ٿي ڪيان امي سان ڳالهاء

# المنظر تي آئون اڪيلو 14

دل ۾ ڪيترائي سوال، ۽ ڪيترائي خيال – الاءِ ڇا چوندي؟

سوچيندي ئي فون جي رِنگ وڳي. دل جو ڌڙڪڻ تيز ٿي ويو. ٿوري دير ترسي، ڌڪندي ڌڪندي ڪال اٽينڊ ڪيم. مون سمجهيو ته انيلا ڳالهائيندي، پر ڳالهائيندڙ انيلا نه، سندس امّي هئي.

"اسلام عليڪم پٽ!"

"وعليڪم اسلام،" مون وراڻيو.

"ڪئن آهيو پٽ؟"

"امي، مان ٺيڪ آهيان، اوهان ٻڌايو؟"

"پٽ، مان به ٺيڪ آهيان. انيلا چيو ته تون ٻڇين ٿو مونسان ڳالهائڻ کان. چو؟"

"مون چيو، "ها، اهو ان ڪري جو مون سوچيو ته الاءِ ڇا چونديون اوهان؟

آنٽي به پلوڙ ٺهڪ ڏئي کلندي چيائين،
"نه پٽ، مان اهڙي ناهيان جو توکي گهٽ وڌ چوان. مان پاڻ ٻچڙيوال آهيان. منهنجا به پٽ آهن."

"ماشاءالله!" مون چيو.

"پٽ، تون ڪٿان جو آهين؟"

"امي، مان مانجهند جو آهيان."

"اڇا، شهر ۾ آهيو يا ڳوٺ ۾؟"

".ڳوٺ ۾"

"ڳوٺ جو نالو؟"

".پهلوان خان کوسو"

آنٽي ٿورو شرارتي انداز ۾ چيو،
"ڇا ان ڳوٺ جا ماڻهو ملھ وڙهندا آهن ڇا؟"

!مون دل ۾ سوچيو، مائي ته صفا ڪا فري آهي ڀيو

مون وراڻيو، "جي، اڳي ملھ پهلوان هئا، پر هاڻ ته اسان جهڙا ٿي ويا آهن، سي هلندي ٿابڙجي ٿا "ڪري پئون، سو ملھ ڪيئن وڙهنداسين؟

.مائي کلڻ لڳي

"پٽ، ڇا ڪندا آهيو توهان؟"

".امي، مان پڙهندو آهيان"

"اڇا، ڪهڙي ڪلاس ۾؟"

".انٽر ۾"

اڇا، انيلا ڪجهه وقت اڳ اوهان جي باري ۾ ٻڌايو هو. مان ڪيس سمجهايم ته ماڻهن تي اعتبار نه " ڪر، ماڻهو وڏا دغا باز آهن. پر انيلا نه مڙي. وري رات توهان جي گاڏي ڪاهي آئي ۽ چيائين، "'.ڏس، تون چوندو آهين جاويد دوکيباز آهي، مگر هِن ته گاڏي به ڏني

".مون چيو، "ماڻهو کوڙ اهڙا آهن، مگر مان سڌو ماڻهو آهيان. ڪوڙ، نڳي، فراڊ نه ڄاڻان

چيائين، "انيلا چوي ٿي ته، ‘مان شادي ڪندس ته جاويد سان، نه ته ٻي سان نه ڪنديس.’ ابا! "!ڇوڪري صفا چري ٿي ويئي آهي

"...مون چيو، "همم

"پر اوهان ڏارين ۾ ڏيندا آهيو رشتا؟"

چيائين، "ها پٽ، بلڪل ڏيندا آهيون. منهنجون ٻه ڇوڪريون اڳ به ڏارين ۾ ڏنل آهن." پوءِ سندن "ذاتون به ٻڌايائين. چيائين، "انيلا ضد ڪيو ويئي آهي ته مان زوري ڪوسائٽي ٿينديس

".مون نرم مسڪراهٽ سان چيو، "همم، انيلا ڪي ٿيڻ به کپي

. جڏهن پرت پريل گهگها پائيندي تڏهن کيس پتو پوندو ته ڪوسائٽي ٿيڻ ڪيڏو ڏکيو ڪم آهي

.وري مائي کلڻ لڳي

..شايد" ته انيلا پر ۾ بيٺي ٻڌي پيئي ته انيلا چيو ها گهگها پائڻ پيا ته ضرور گهگها پائيينديس

مونکي چيائين: پٽ ٻڌين پيو نه انيلا جون خبرون ؟

مون چيو: جي امي ٻڌان پيا۔ -

چيائين، "منهنجو مڙس ايئر فورس ۾ آفيسر آهي، ۽ منهنجي وڏي ڇوڪري پوليس ۾ ايس آءِ آهي. انيلا ".جي پيءُ جو شوق آهي ته انيلا ڊاڪٽر ٿئي. ان لاءِ ئي هاسپيٽل ۾ ڪورس لاءِ موڪلي آهي

مونسان ڪافي ڏينهن پهرين انيلا تنهنجي ڳالهه ڪئي مگر"مون اجا انيلا جي پيءُ سان اها ڳالهه ناهي "!ڪئي. جيڪڏهن ڪريان ته. ٿي سگهي ٿو ته ٺپ ماري اسان ٻنهي کي

"مون پڇيو، "پوءَ انيلا جو والد راضي ٿي ويندو اسان جي رشتي لاءِ؟

".چيائين، "ها، مان ان کي راضي ڪري وٺنديس

".مون چيو، "ڀلي ڳالهه آهي

چيائين، "منهنجو مڙس چنڇر تي ايندو آهي. اوهان آچر تي اسان جي گهر اچو، ڪچهري به ڪري
".وٺنداسين، ۽ اوهان کي منهنجي مڙس سان به ملائينديس

مون چيو، "سوري، مان اوهان جي گهر ته نٿو اچي سگهان. پر اوهان مون سان ٻاهر ملو. فلحال، تون
۽ انيلا اچو. باقي تنهنجي مڙس کي جڏهن تون راضي ڪرين، تڏهن مان پنهنجن گهر وارن کي
".موڪليندس، باقي مان ته نه ايندس

"تون ڇو نه ايندين؟"

"!مون چيو، "مونکي ڦڪائي ٿيندي آهي

"مائي ڪلڻ لڳي، "پوءِ توکي منهنجو مڙس ڪيئن ڏسندو؟

مون چيو، "تصوير ۾ ڏيکاري ڇڏجوس. تصوير ۾ ته مان وڌيڪ سهڻو به لڳان پيو، وڻي ويندو
"!سانس

.مائي وڏو ٺهڪ ڏئي ڪلڻ لڳي

"پوءِ آئون، انيلا توسان ڪٿي ملڻ اچون؟"

".مون چيو، "المنظر تي آسان ٿيندو

".چلو، پوءِ هن آچر تي اچون. ڀلا، ملاقات به ٿي ويندي، ۽ وڌيڪ ڳالهائڻ جو موقعو به ملي ويندو"

".مون چيو، "بلڪل، اچو، ڪو مسئلو ناهي

...هاڻ وري آچر جو انتظار شروع ٿيو

# المنظر تي آئون اڪيلو 15

منهنجي دل ۾ بيچيني هئي. انيلا جي امان سان ملاقات جي خيال ۾ هر پل جو انتظار ويهڻ ڪان به ڏکيو لڳي رهيو هو. اوچتو، دل ۾ خيال آيو ته ڪو اهڙو لباس پايان، جيڪو سندس امان کي وڻي، ته جيئن پهرين نظر ۾ ئي سٺو اثر پوي.

:موبائيل هٿ ۾ کنيو ۽ انيلا کي ميسج ڪيو

" يار، جلدي ٻڌا، آنٽي کي ڪهڙو ڪلر پسند آهي؟ ته مان اهو ئي لباس پائي اچان، ته جيئن وڌيڪ امپريس ٿئي."

:ڪجهه لمحن بعد انيلا جو ميسج آيو

".امي کي بليڪ ڪلر گهڻو پسند آهي، پر پينٽ شرٽ وارا ڪپڙا کيس وڌيڪ وڻن ٿا"

:مون دل ۾ سوچيو ته بليڪ ڪپڙا ته آهن، پر پينٽ شرٽ ناهي. کيس کل پري انداز ۾ وراڻيم

"سوري يار، بليڪ ته آهي، پر پينٽ شرٽ ته ناهي، نه ئي مان پائيندو آهيان. پوءِ؟"

:ائين لڳو چڻ انيلا مرڪندي لکي رهي هجي

" ڪو مسئلو ناهي جان، تو وٽ جيڪي به آهن، سي پائي اچجان. امي ته ڪالهه رڳو ڪار ڏسي ئي امپريس ٿي ويئي هئي!"

:مون زور سان کلندي لکيو

"راڻي، مگر ڪار ته منهنجي ناهي؟"

:چيائين

" چريا، في الحال ڏيکاري وٺ، رشتو طئي ٿي وڃي ته پوءِ چا؟ جيڪڏهن پوءِ خبر پوي ته تو وٽ ڪار ناهي، ته به ڪجھ نه ٿيندو. اسان ايترا مادي پرست نه آهيون."

:مون ٿورو سنجيده ٿي لکيو

" يار، تون ڄاڻين ٿي ته تنهنجو سڄو خاندان فورس ۾ آهي، مان ته عام فقير ماڻهو آهيان. هو ته مونکي اٿنگرائي ڇڏيندا!"

انيلا لکي:

" جاويد، مان توسان گڏ هوندس! مان توکي اڪيلو نه ڇڏيندس، ڪابه قوت، ڪا به رڪاوٽ اسان جي وچ ۾ نه ٿي اچي سگهي. "

مون چڻ ٻڏي ويل مسافر وانگر ساهه پچايو ۽ لکيو:

"بلڪل، تون گڏ هوندين ته پوءِ فڪر ڪهڙو؟"

چيائين:

"چريا، پوءِ پريشان ڇو ٿو ٿئين؟ مان آهيان تنهنجي لاءِ."

مون دل مان لکيو:

"Love You, Pagli..."

اهي لمحات ئي هئا، جڏهن انسان کي محسوس ٿيندو آهي ته پيار فقط لفظ نه، پر اکين جي پيڪار، دل جي ڌڙڪن ۽ جذبن جي روشني آهي.

ائين ئي رومانوي سوچن ۾ ٻڏل هئس ته اوچتو ميسج پاپ اپ ٿيو... مهوش.

مهوش:

"!جاويد"

مان:

"جي،"

مهوش:

"ڪيئن آهين؟"

مان:

"...بس، جيئن آهيان، تيئن آهيان"

:مهوش

"اڇا، ته ٻڌا ته انيلا ڪهڙي خوشخبري ڏني؟"

:مون سوچي به نه سگهيو ته مهوش کي خبر ڪيئن پئي، مگر صاف دل سان جواب ڏنم

".انيلا جي امان ڳالهايو، ۽ هوءَ رشتو ڏيڻ لاءِ راضي آهي"

انهيءَ موقعي تي مونکي اها خوشي هئي، جيڪا پيار ۾ هڪ وڏي وڙ جيتڻ بعد ملندي آهي. مگر مهوش جي ايندڙ ميسج چڻ ساهن کي ٻوڙي ڇڏيو.

:مهوش

".چلو، توکي انيلا مبارڪ... ٽن يارن سان گڏ"

.مون کي چڻ اندر ۾ باهه لڳي ويئي، اکين اڳيان اوندهه ڇانئجي ويئي

:مون غصي ۾ اچي مهوش کي ميسج لکيو

"توکي شرم نه ٿو اچي؟ منهنجي انيلا بابت اهڙا لفظ ٿي استعمال ڪرين؟"

:مهوش بي پرواهي سان لکي ڇڏيو

انيلا رنڊي آهي، جاويد. مان سچائانس، اندر ٻاهر کان. اهو فليٽ جيڪو هوءَ پاڙو تي وٺي ٿي، ان ۾ " روز نوان چهرا ايندا آهن. نشو ڪري، ڪنهن نه ڪنهن سان ملاقات ڪري ٿي."

:مون نڙيءَ ۾ ڦاٿل لفظن سان وراڻيو

"!مهوش، تون اها ڳالهه منهنجي انيلا لاءِ چئي رهي آهين؟ مان هي الزام هرگز برداشت نه ڪندس"

:مهوش لکي ڇڏيو

".جيڪڏهن الزام ٿو سمجهين، ته مان توکي ثبوت ڏيئي سگهان ٿي"

:مون چيو

"!اته ڏي ثبوت"

:چيائين

" اڄ رات، جڏهن انيلا فليٽ ويندي، مان توکي ميسج ڪنديس. تون پاڻ اچي ڏسجان، پنهنجي اکين سان. پوءِ ئي يقين ايندو نه؟"

:مون چيو

".ها، پوءِ ئي يقين ڪندس. تون بس وقت تي ميسج ڪجان"

:مهوش

" ٺيڪ آهي، بس تيار رهجان. مان توکي ٻڌائينديس، ۽ تون وقت تي پهچي ڏسجان. پوءِ سڀ ڪجهه تنهنجي سامهون هوندو."

.مون موبائيل بند ڪيو، پر دل جا در بند نه ٿيا

ان رات، مونکي نه ننڊ آئي، نه سڪون مليو. محبت ۽ شڪ جي وچ ۾ ڦاٿل دل ۾ تڙپ هئي، هڪ اهڙي باهه، جنهن جو ٻارڻ لفظ هئا... ۽ زخمن تي لوڻ هڻڻ وارو نالو هو——مهوش.

# المنظر تي آئون اڪيلو 16

مهوش اڄ اهڙي انداز سان ڳالهائي رهي هئي، ڄڻ سچ ئي سچ هجي. لمحي لاءِ ته مان به حيران رهجي ويس، دل چيو ته شايد مهوش صحيح ٿي سگهي ٿي... ۽ انيلا ڪوڙي. پر جڏهن دماغ سان سوچڻ شروع ڪيو ته اندازو لڳايم ته مهوش، انيلا تي بي بنياد الزام هڻي رهي آهي. ڇو ته انيلا ته هر رات اڌ رات تائين مون سان ڳالهيون ڪندي رهي ٿي، پوءِ مهوش جو چوڻ ته "هوءَ روز ڪنهن سان ملڻ وڃي ٿي" ـ اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟

!! وڏي سوچ جهڙي ڳالهه هئي

. هر جواب" مونکي پنهنجو ڪنهن به ڏنل دليل سان مطمئن  نٿي ڪري ٿي سگهيو

اها سڀ منهنجي سوچ هئي، پر هاڻ مان انهي انتظار ۾ هئس ته مهوش جيڪڏهن سچ ڳالهائي رهي .آهي، ته ثبوت پيش ڪري. تيسين مان انيلا سان ڪا به اڳتي ڳالهه نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو

مهوش جو الزام... ان ۾ اها تلخي هئي، جيڪا ڪنهن مرد لاءِ پنهنجي محبت يا عزت جي باري ۾ ناقابلِ برداشت هوندي آهي. ڪو به مرد پنهنجي وني بابت اهڙا الزام آسانيءَ سان نٿو قبول ڪري، ۽ نه ئي ڪا ڇوڪري اهڙي ريت ڪنهن جي "وني" بڻجي سگهي ٿي، جيستائين ان جي باري مڪمل .ڄاڻ نه هجي

سڄي رات خيالن جي اوندهه ۾ گذري ويئي. دل چاهيو پئي ته مهوش کي ميسج ڪري، پر ڪابه خبر :نه پئي. صبح ٿيو ته انيلا جو ميسج آيو

"ڪيئن آهيو، سائين؟"

:مون ٿوري دير بعد جواب ڏنو

"سائين، مان بلڪل ٺيڪ آهيان، اوهان ٻڌايو؟"

"!مان به ٺيڪ آهيان، جاويد. امي منهنجي رشتي لاءِ ها ڪئي آهي"

:مون حيرت مان پڇيو

"سچي؟"

ها، سچي! مونکي رات ئي چيائين، ته اهڙا رشتا نصيبن سان ملندا آهن. تنهنجي پيءُ کي مان پاڻ "
".سمجهائيندس ۽ راضي ڪندس

:مون کلندي چيو

"تنهنجي امي ته راضي آهي، پر جيڪڏهن منهنجي امي راضي نه ٿي ته؟"

".اڙي! تنهنجي امي کي آچر جي ڏينهن پاڻ سان وٺي اچجانءِ. منهنجي امي پاڻ کيس راضي ڪندي"

:مون وري چيو

"...پر منهنجي امي ته مون سان ڪڏهن به ڪون ايندي"

".پوءِ اسان ئي توهان جي گهر ايندا سين، ۽ تنهنجي امي کي پاڻ راضي ڪندا سين"

"انيلا، سچي؟"

".ها جاويد، سچي! توسان رشتو ضرور ڪرڻو آهي"

"!چڱو، پوءِ ته ضرور ٿيندو"

ڪجهه ڏينهن گذري ويا. مهوش به خاموش ٿي ويئي، ۽ انيلا به روز جيان نه رهي. هاڻ ته پنهي مان
!...ڪنهن جي ڳالهه تي اعتبار ڪرڻ مشڪل ٿي ويو هو. دل ۾ شڪ هو، پر يقين به

:هڪ رات، اوچتو رات جو 09:30 وڳي، مهوش جو ميسج آيو

"جاويد؟"

"جي، راڻي؟"

"!انيلا نڪري وئي آهي... جلدي فليٽ تي پهچي وڃ"

:مون تڪڙو پنهنجو دوست لالا موسيٰ کي فون ڪيو

".يار، لالا، معاف ڪجانءِ، پر گاڏي جلد موڪل! تڪليف ڏيان پيو ان لاءِ معذرت"

لالا ٿوري ئي دير ۾ گاڏي موڪلي ڏني. مان تيزيءَ سان حيدرآباد ڏانهن نڪتس. فليٽ آڏو بريڪ لڳايو، اندر وڃڻ جي ڪوشش ڪئي، پر چوڪيدار روڪي ڇڏيو.

:بحث ٿي ويو. چوڪيدار چيو

".انيلا اندر ناهي"

:مون چيو

"!اندر ئي آهي! مونکي انيلا ڏانهن وڃڻو آهي"

.پر چوڪيدار ڪنهن به ريت اندر وڃڻ نه ڏنو

:نيٺ، انيلا کي فون ڪيو

"ڪٿي آهين؟"

".مان پنهنجي گهر آهيان"

".مان هن وقت ئي توسان ملڻ ٿو چاهيان"

انيلا پر چو ؟"

چو کي چڏ, اهو ٻڌا تون ڪٿي آهين ؟ "

!۽ ها مان هاڻ جو هاڻ توسان ملڻ ٿو چاهيان

انيلا منهنجي انداز تي مايوس ضرور ٿي' ته اچانڪ چا ٿي ويو مگر منهنجي جلدي جو احترام "
. ڪندي خاموش رهي

. وڏي زور سان رڙ ڪندي چيو جاويد جي مان پنهنجي گهر آهيان

چا مان اچي سگهان ٿو اوهان جي گهر ؟"

. ها ها چو نه

"Ok"

"!ته پوءِ اسان جي گهر اچ. امي سان به ملي وڃ"

"تنهنجي گهر ڪير آهي؟"

".به ڀاءُ، هڪڙي ننڍڙي ڀيڻ ۽ امي"

"!ٺيڪ آهي. مان اچي رهيو آهيان. امي کي ٻڌائي ڇڏجانءِ"

# المنظر  تي آئون اڪيلو 17

رات جي خاموشيءَ ۾ حيدرآباد جا رستا، ڄڻ ڪنهن بيچينيءَ جي انتظار ۾ هئا. منهنجي دل بي تاب هئي ـ انيلا جي فون، اندر ۾ امنگن جو ڪو نئون ڏيئو ٻاري ڇڏيو هو. آهستي آهستي، شهر جي اونداهه گهٽين مان هلندي هلندي، مان انيلا جي گهر ڏانهن روانو ٿيس. دل ۾ هلڪيون ڌڙڪنون هيون، ڄڻ ڪا نئين اميد، نئين سفر جو آغاز هجي.

مهوش جيڪو ڪجهه چيو، ان دماغ کي ڄڻ پٽڪائي ڇڏيو هو. انيلا کي منهنجي اچڻ تي حيرانگي ٿيندي؟ يا يقين؟ ڇو ته مهوش ايتري پڪ سان چيو هو، جو ان جي ڳالهه تي يقين به اچي پيو ٿو.

گهر جي در تي پهتس ته اڱڻ ۾ روشني هئي. دروازو کلڻ جي دير هئي ته انيلا جي ننڍڙي ڀيڻ، جميلا، مرڪندي سامهون آئي. هٿن ۾ گلن جو گلدستو هئس. چيائين:

"انڪل، هي توهان لاءِ ـ ۽ ڀليڪار اسان جي گهر اچڻ تي!"

انيلا به سامهون نڪتي. نارمل لباس ۾ هئي، پر سندس هٿن تي تازي مهندي جا نقش چمڪي رهيا هئا. ڏاڍي سادي، پر سُهڻي لڳي رهي هئي. اکين ۾ حيرت ۽ هڪ نرم سوال ـ "هن وقت؟ اوچتو؟" ـ جيئن چپ نچوڙي رهي هجي.

"سائين، اندر اچو." انيلا چيو.

مون گلدستو واپس گاڏي ۾ رکيو ۽ ان کان پارڪنگ لاءِ پڇيو. چيائين ته "گهٽيءَ ۾ ئي ٺيڪ آهي." گاڏي پارڪ ڪري، اندر داخل ٿيس. انيلا جي ماءُ سامهون آئي. چيائين:

"اچو پٽ، ڀليڪار. اچو، ڪمري ۾ ويهو."

ڪمري جي ڀتين تي انيلا جي ننڍپڻ جون تصويرون ۽ سندس والد جو وڏو فريم لڳل هو. ٿوري دير بعد، شايد انيلا جو ڀاءُ آيو، مون سان هٿ ملايائين ۽ ٻاهر هليو ويو.

اسان ويٺا ئي هئاسين ته انيلا جي ماءُ فروٽ کڻي آئي. چيائين:

"ماني کائيندو؟"

:مون ٿورو ادب سان معذرت ڪئي

".جي نه، اڄ ماني نه کائيبي"

:مائي اچي منهنجي سامهون واري ڪرسي تي ويهي رهي، پڇڻ لڳي

".تون اڪيلو ڇو آيو آهين؟ پنهنجي اميءَ کي به وٺي اچين ها"

:مون نظر جهڪائي چيو

".هائو، آءُ ڪنهن ڪم سان آيو هوس، سوچيم اوهان وٽان به ٿي وڃان"

"اڇا ته تنهنجي امي راضي ٿيندي؟ يا مون کي پاڻ اچڻو پوندو؟"

:مون مرڪندي چيو

".جي پلا راضي نه ٿي ته اوهان ته آهيو نه، اوهان راضي ڪري وٺجو"

:چيائين

.پٽ، تون فڪر نه ڪر مان پاڻ ڳالهائينديس تنهنجي امي سان"

".تون ۽ انيلا ڳالهايو، مان چانهه ٺاهي اچان

!".ائين چئي مائي وڏي نڪري وئي"

:جڏهن مائي نڪري وئي، انيلا پڇڻ لڳي

"جاويد، سچ سچ ٻڌاءِ ــ اوچتو ڇو آئين؟ ايتري جلدي مونسان ملڻ جي وجهه؟"

:مون نرم لهجي ۾ چيو

بس، اوچتو ڪم ٿي پيو، حيدرآباد آيو هوس. سوچيم توسان نه ملڻ، بيواجبي ٿيندي ان توکي فون "
".ڪئي ۽ توسان ملڻ لاء آيس

نه جاويد، مگر ٿوري دير اڳ اسان جي ڳالهه ٿي هئي. تو ته اهڙو ڪجهه نه چيو هو؟"

"چا تون مون کان ڪجهه لڪائي رهيو آهين؟

:مون چيو

"چا تون مون تي شڪ ٿي ڪرين؟"

:چيائين

".شڪ نه، پڪ سان ٿي چوان ته تون ڪجهه ته ضرور لڪائي رهيو آهين"

اتي، اسان جي وچ ۾ جميلا به اچي ويٺي. مان ٿورو شرمائجي ويم، پر انيلا، بي ڌيو سان ڳالهائڻ جاري رکيو.

ڪجهه دير بعد مائي چانهه ۽ بسڪيٽ کڻي آئي. چانهه ٽيبل تي رکي، ديوار تان پنهنجي شاديءَ جي تصوير لاهي آئي ۽ چيائين:

"انيلا چوندي آهي، مان ان کان وڌيڪ سُهڻي آهيان. تون ٻڌاءِ، انيلا سهڻي آهي يا مان؟"

مون دل ۾ سوچيو، هاڻ ته انيلا به اڌو ويٺي آهي، چا چوان؟ پر حقيقت ته اها هئي، مائي واقعي به وڌيڪ سُهڻي لڳي رهي هئي.

:مون کلندي چيو

".سوري، مان اهڙين ڳالهين کي نه ٿو سمجهي سگهان. منهنجي لاءِ سڀ ماڻهون هڪجهڙا آهن"

:گفتگوءَ جو سلسلو جاري رهيو. آخرڪار، مان موڪلائڻ لڳس. چيومانس

".هاڻ ته ملاقات ٿي ويئي. هاڻ توهان پنهنجي مڙس سان ڳالهايو، پوءِ ٻڌايو ته چا ٿو چوي"

:مائي چيو

".پٽ، بيفڪر ٿي وڃ. هو منهنجي هٿ جو ماڻهون آهي، راضي ڪرڻ ڪو مسئلو ناهي"

:جڏهن مان نڪرڻ لڳس ته انيلا مونکي در تائين ڇڏڻ آئي. وري به پڇڻ لڳي

"جاويد، سچ ٻڌاءِ، ڇا ڳالهه آهي؟"

مون ڪلندي چيو:

"چري، ڪجهه به ناهي. تون بس فڪر نه ڪر."

انيلا مرڪندي هٿ لوڏي چيائين:

"اباء!"

۽ مان، دل ۾ هڪ عجيب احساس، هڪ نئين اميد سان، گاڏي ۾ ويهي روانو ٿيس...

"ٿوري پنڌ تي نڪري آيس ته انيلا جو ميسج آيو جاويد وڃجانء نه مان توسان ملڻ ٿي چاهيان ؟ ترس مان ٿوري دير ۾ گهران نڪران ٿي تون پنهنجي ڪمري تي هل ..

## المنظر تي آيون اڪيلو 18

:مان ڪمري ڏانهن گاڏي موڙي ۽ ان ئي وقت مهوش کي ميسج ڪيو

"هي ڪهڙو طريقو هو مونکي ذليل ڪرڻ جو؟"

:مگر مهوش وري به بضد رهي ته

نه، انيلا ضرور وڃي ها، مگر تياري ڪرڻ لاءِ گهر ڏانهن نڪري ويئي هوندي، ۽ تون جلدي "
".پهچي وئين

:مون چيو

"مهوش، اڃان به تون مڙين نٿي؟ وڌيڪ ذليل ڪرڻ تي بضد آهين؟"

:چيائين

جاويد، مان سچ ٿي چوان. ها اگر توکي يقين ناهي ته پلي نه ڪر، باقي حقيقت اها ئي آهي، جيڪا "
".مون اوهان کي ڏسي

:مون چيو

ٺيڪ آهي، تون مونسان رابطي ۾ رهجان، ۽ ها، هينئر ڪجه دير ۾ انيلا اچي ٿي، مان ان سان گڏ "
.هوندس. ۽ ها، ڪو ميسج وغيره نه ڪجان، پاڻ پوءِ ٿا ان ڳالهه ڏسون ته اصل ڇا ماجرو آهي

ها ٺيڪ آهي مگر اهو خيال رهي ته منهنجي باري ۾ انيلا کي ڪڏهن به نه ٻڌائجان، ۽ اها خيال رهي
".ته انيلا کي خبر به نه پئي ته مون اوهان کي گهرايو هو

ٺيڪ آهي، مان ڪوشش ڪندس، مگر انيلا کي شڪ ضرور ٿي ويو آهي، ڇو ته هوءَ مون کان "
'بار بار پڇي رهي هئي ته، 'هي اچانڪ تون ڪيئن آئين؟

".۽ منهنجي سمجهه ۾، مون سان ملڻ به ان ڪري اچي ٿي، وڌيڪ تصديق ڪرڻ لاءِ

".پلي اچي، پڻ پلي ڳالهه آهي، اڳين ڇڪر توکان بچي ويئي، هن ڇڪر نه بچڻ کپي"

"هاهاهاها... چري، توکي ته بس هڪ ئي ڳالهه آهي! مان پريشان آهيان ته الاءِ ڇا چوندي؟"

ڪجه ڪون چوندي، هوءَ ان ڪم لاءِ ئي توسان ملڻ ٿي چاهي".

"سو ويچاري کي خوش ڪيو وڃ.

"چلو ڏسانس ٿو، ۽ ها، تون ميسج وغيره نه ڪجان، جيسين مان پاڻ توکي ميسج نه ڪيان؟"

"اوڪي"

مان مهوش کي ميسج ڪندي ڪندي اچي ڪمري تائين پهتس.

گاڏي ۾ ئي ويٺو رهيس، ٿوري دير ۾ انيلا رڪشي تان لهندي ڏٺم.

وڏي حسين، خوبصورت، وار پاسي تي وريل، بلو ڪلر جو جوڙو پاتل، پيرن ۾ وڏي ڪڙي وارو سينڊل، مهندي لڳل هٿن ۾ موبائيل ڪڍي مونکي ڪال ڪيائين:

"اچو، سائين!"

مان سڌو گاڏي ڪاهي اندر ويس.

گاڏي پارڪ ڪري ڪمري تي آياسين.

انيلا پنهنجو پرس ڪڍيو، تنهن ۾ ان ڏينهن وارو ساڳيو سگريٽ ڪڍيو، ۽ سگريٽ جا ڪش هڻندي اچي منهنجي پر ۾ ويٺي، ۽ پڇڻ لڳي:

"جاويد، مونکي سچ سچ ٻڌاءِ، تون اچانڪ ڪيئن آئين؟"

مون چيو:

" انيلا، منهنجو يقين ڪر، مونکي ڪم ٿي پيو هو، تنهن ڪم سان ئي آيو هئس. پوءِ تنهنجي امي جو ملڻ جو چيو هو، سوچيم آچر تي ملڻ ٿي يا الاءِ نه، ان ڪري تنهنجي امي سان به مليو وڃان."

"چلو، هاڻ ته امي سان مليو آهين، پوءِ ڇا ٿو چوين؟"

:مون چيو

بس، هاڻ سڀ اوڪي آهي، ۽ هاڻ ڇا چوندس؟ بس تنهنجي امي تنهنجي والد سان ڳالهائي وٺي، ته "
"!ڪيو ٿا ٻنا ٻن

.پر ها انيلا، هڪڙي ڳالهه ضرور اٿئي... هي سگريٽ توکي ڇڏڻا پوندا"
".اسان ۾ اهو رواج ناهي ته مايون سگريٽ پيئن

"ڇو، توهان وٽ ڇوڪريون سگريٽ ناهن پيئنديون ڇا؟"

:مون چيو

"!اسان ۾ مرد به نٿا پيئن! توکي وري ڇوڪرين جي لڳي آ"

"چلو، سائين، سگريٽ ڇڏي ڏينديس، بس؟"

:مون چيو

".ها، بس"

"پوءِ اڄ ڇا ارادو آهي؟"

:مون چيو

".اهو ئي، جيڪو روز هوندو اٿم"

"اڇا، ڪهڙو؟"

".اهو ئي، ته توسان ملان ۽ ڪچهريون ڪيان"

بس ڪڇهريون؟"

"پهريان ته ڪڇهريون ئي ڏينديون، پوءِ وڃي ٻيو ڪجھ به ڏيندو نه؟

".ها"

"پر ڪنڊم يوز نه ڪنداسين؟"

"ڇو يوز نه ڪنداسين؟"

"!ان ڪري جو ماڻهون پورو لطف نٿو ماڻي سگهي تنهن ڪنڊم سان"

"اڇا! مطلب، پهرين به تجربو ٿيل اٿئي؟"

:مون چيو

".گهڻو نه، بس هڪ ٻه ڀيرا. مگر ايتري خبر ضرور پئي ته ڪنڊم ڪنهن ڪم جو ناهي"

انيلا سگريٽ ختم ڪري، پاڻ پٺيان بيڊ تي ليٽي پئي، ۽ مونکي پٺيان قميص مان وٺي پويان ڪيرايو بيڊ تي.

مون ڏانهن منهن ڪري، مونکي ڪالر کان وٺي پنهنجي قريب ڇڪي آئي، ته سندس وات مان سگريٽ جي خوشبو محسوس ٿيڻ لڳي.

...مگر ان وقت، سگريٽ جي اها خوشبو سندس جذبن ۽ جسم تي لڳل خوشبو اڳيان بي معنيٰ هئي

# المنظر تي آئون اڪيلو 19

ڪمري ۾ ايئر ڪولر جي ٿڌڙي هوا ۾، جذباتن جي گرمي پکڙجي رهي هئي. انيلا جي جسم جا نارمل "ڪروَٽ وڏيڪ پرجوش ڪري رهيا هئا

آهستي آهستي منهنجي ويجهو آئي، ۽ بنا ڪنهن لفظ جي پنهنجي نرم، ڪانپندڙ چپن کي منهنجي چپن .تي آڻي ڇڏيو. ان لمحي وقت ڄڻ ته بيهجي ويو هو

".اسان جي چپن جي وچ ۾ فقط خاموش جذبا هئا، جيڪي دليون پڙهي رهيون هيون

هڪ گهري ساهه سان، انيلا پنهنجا ٻئي هٿ منهنجي قميص جي گلي مان اندر وجهي ڇڏيا، سندس آڱريون منهنجي چمڙي تي ڦرڻ لڳيون. مان ڪيس نه روڪيم، ڇو ته هر ڇُهاءُ هڪ نئين سرشاري .وٺي آيو هو

.سندس لمس ۾ هڪ ٻهڪندڙ مستي هئي، جيڪا منهنجي حواسن تي قابض ڪري رهي هئي

انيلا جي سانس ۾ تيزي هئي، پر سندس حرڪتون آهستي، ڌيمي، ۽ ڏاڍي سنجيده هيون. هوءَ هڪ هڪ ڪري پنهنجو بدن لٽائيندي مدهوشيءَ جي ڪناري تي پهچي چڪي هئي. جڏهن هن پنهنجي .ڪرسي تي ڪپڙا لاهي ڇڏيا، ته مان ڄڻ خاموشيءَ جي طوفان ۾ ڦاسي پيو هيس

". ۽ هڪ بکايل بگهڙ جيئان نظرون سندس چمڪندڙ جسم کي تاڙي رهيون هيون

ان وقت سندس ماس کي چيري ڇباڙڻ لاء من ڪري رهيو هو اهڙي ڪيفيت مان گهوري ڏسي " "رهيو هس انيلا جي جسم کي ۽ سندس بيڊ تي وکريل وارن جي خوبصورتي کي

"انيلا آهستگي سان پڪاريو

.جلدي منهنجي ويجهو اچ!" سندس آواز نرم پر بااثر هيو"

.مان آهستي سندس ويجهو ويو. انيلا بيڊ تان وهاڻو کنيو ۽ پنهنجي نازڪ چيلهه هيٺ رکي ڇڏيو

مون مرڪندي چيو: "هي ڇا ؟

".ڇيائين"

بيڊ نرم آهي، مان هيٺ لهي وينديس... تنهنجو زور به بي اثر ٿيندو. سو برابر ڪرڻ لاءِ ڇيلهه هيٺ "
".وهاڻو رکڻو ضروري آهي

مان يڪدم ڪنهن ٻي خيال ۾ مبتلا ٿي ويس ته واقعي مهوش ڪٿي سهي ته نٿي چئي ؟

هي اهڙا تجربا جن جي مونکي ئي خبر ناهي سو انيلا کي ڪيئن خبر آهي ؟

مگر اهو وقت اهڙن خيالن جو بلڪل نه هيو ۽ جتي انيلا جي اپريل جهاتي ڪنهن جبل جيئان وڏي اپار
.. جي ڏيک ڏيئي رهي هئي

مون کيس وارن سان پريل وارن تان هٿ ڦيريندي چمي ڏني، ۽ آهستي آهستي سندس مٿان آيس. انيلا
جو جسم تپيل پاڻ وانگر گرم هو. سندس هلندڙ ساهن ۾ جوش، شرم ۽ خواهش جو عجيب سنگم هو.
.اسان ٻنهي پنهنجا حواس وڃائي ڇڏيا هئا

مون هميشه کيس پيار ڪيو هو، پر ان وقت جيئن مان سندس مٿان ظلم محسوس ڪري رهيو هئس،
اهو صرف پيار نه هو—اهو هڪ اڻڇُڪ جذبو هو، جنهن ۾ خواهش جي سچائي هئي، جسم جي ٻول
هئي، ۽ روح جي راڳ هئي. سيڪس... ها، سيڪس فقط جسم جو ميل نه هو، اهو ڄڻ ته ٻه اڌ دلين
.جو پيٽ هو، جيڪو هڪ ٻئي ۾ ڳرڻ پئي گهريو

انيلا جي ڇاتي تيزيءَ سان هلي رهي هئي، سندس آڱريون منهنجي پٺيءَ تي آهستي آهستي هلڻ لڳيون.
هر ڇهڪ، هر چمي، هر سرڪش ٽڪراءُ ڄڻ ته محبت جو اعلان هو، پر ساڳئي وقت اها ڏڪاري
.تسليم پڻ، ته هي لمحو فقط اسان جو آهي—باقي دنيا بي مطلب آهي

هوءَ ڪڏهن آهستي سرهندي هئي، ته ڪڏهن دانهن ڪندي، ۽ مان آهه عجيب آواز ۾ سوز.... مان ڄڻ
ته انيلا سان نه، پر پنهنجي اندر جي سپني خواهشن، سڪون، ۽ دردن سان وصل ۾ هئس. سيڪس
هڪ خوبصورت اذيت بڻجي ويو هو، جتي هر ڇهڪ تي دانهن ايندي، ۽ هر دانهن تي مان وڌيڪ
پرجوش ٿي پوندو هئس ۽ وڌيڪ انيلا تي دٻاء وجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هس ڪٿي چئجي ته
.وڌيڪ ايذائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هس

ايڏو گرم جو ہن منٿن ۾ هڪ ٻئي کان جدا ٿي وياسين--- مون انيلا جي جسم ڏانهن نظر ڦيرائي ڏٺو ته "پگهر مان شل ٿي پيئي آهي

مگر سندس دل ڇڙ ته ڇاتي کان ٻاهر نڪري رهي آهي ايڏي تيزي سان سندس دل ڌڙڪي رهي آهي."

"انيلا عجيب نظرن سان مونکي گهوري رهي آهي ۽ سندس منهن تي هڪ نارمل مرڪ وٽندڙ انداز

سائين ڇا ٿا ڏسو ؟

!ڪجھ نه بس اوهان جي خوبصورتي کي ڏسي رهيو آهيان

. اڇا

".جي"

اُن رات، اسان فقط جسماني نه، پر روحاني سطح تي به ويجهو آياسين. ۽ جڏهن سڀ ڪجھ ٿي چڪو، :ته انيلا منهنجي ڇاتي تي هٿ رکي، نرم آواز ۾ پڇيو

"جاويد، تون منهنجو آهين نه ؟"

:مون بي اختيار کيس ڀاڪر پائي چيو

".انيلا، مان تنهنجي هوند ۾ وسامي ويو آهيان... هاڻ مان پاڻ به ناهيان، فقط تون آهين"

! او اڇا"

انيلا تڪڙ ۾ اٿي پنهنجا ڪپڙا کنيا ۽ واشروم ڏانهن هلي وئي

" ٿوري دير کان پوء نڪري آئي آلا وار سندس صورت ڪنهن چوڏهين چنڊ جيئان ٻري رهي آهي

مان بيڊ تي ليٽيو انيلا کي وڏي تعجب سان ڏسي رهيو آهيان

انيلا چيو سائين وري ارادو آهي ڇا ؟

".مون چيو جي نه هاڻ بس"

پوء اٿي وهنجي وٺو ته هلون نه ؟

پر ڪيڏهان ؟"

. توهان پنهنجي گهر ۽ مان اسپتال

"Ok"

مان وهنجي آيس ڪپڙا پاتا بيئي نڪتاسين انيلا کي اسپتال دراپ ڪري مان پنهنجي گهر
. ڏانهن روانو ٿي ويس

## المنظر  تي آئون اڪيلو 20

:اجان مان رستي ۾ هيس ته مهوش جو ميسيج آيو

"جويد، ڪٿي آهين؟"

".مون چيو: "مان نڪري ويو آهيان

"هوءَ حيرت مان پڇي پئي: "ايترو جلدي؟

".مون چيو: "ها، انيلا به اسپتال هلي آئي هئي، پوءِ مان به هليو آيس

"حڪم ڪر، ڪو ڪم هيو چا؟"

"!ها يار، ڪم هو"

"ها ٻڌاءِ، ڪهڙو ڪم؟"

"...ملڻو هو اوهان سان"

"ملڻو هو؟ پر ڇو؟"

".بس ائين... اوهان کي ڏسڻو هو"

".خير، ٻي دفعي ڏسنداسين. في الحال مان نڪري ويس"

اوڪي، "

"پر انيلا جي ڏي خبر؟

"...جيڪا پڇين"

"ڇا ٿيو؟ ڇا چيو انيلا؟"

".اهڙو خاص ته ڪجھ نه چيائين"

"مون توکي اڳ ئي چيو هو ته هوء چو ٿي ملڻ چاهي، سو ٿيو نه؟"

".ها، اهو ئي ٿيو. ٻي ڪا خاص ڳالھ نه ٿي"

"گهٽا چڪر ڪيو هيو؟"

.مون مزاقي انداز ۾ چيو

".ڇڏ نه ٻيلي، گهٽا چڪر ڪيا هوندا"

"نه نه، پليز ٻڌا ته سهي... گهٽا چڪر؟"

".بس، هڪ ئي چڪر"

واه ڙي مور، واھ! ايتري گرمايش واري ڇوڪري، جيڪا وسڪي جون ٻه بوتلون پيئي پوءِ توسان " ملي، ان کي ته گهٽ ۾ گهٽ چار پنج دفعا ملڻو پوندو، تڏهن وڃي ڪو فرق پوندس. چريا، ايتري ته "!گرمايش هوندي آهي ان ڇوڪري ۾

:مون چيو

توهان فڪر نه ڪيو، اهو هڪ چڪر ئي ڪافي اٿس. وري مون مزاحيا انداز ۾ چيو، ۽ ها، خيال " "!رکجوس ته ٿي نه پيٽ سان ڪري نه، سيني کي خوار

.واه ڙي جويد، واھ! صفا ڪو سادو آهين يار"

"!جيڪڏهن هڪ چڪر ۾ ڇوڪري پيٽ سان ٿين ها ته انيلا جا ته هاڻ تائين پنج ڏھ ٻار هجن ها

"چو، انيلا چوڪري ناهي ڇا؟ ان کي ٻار نٿا ٿي سگهن ڇا؟"

".جويد بلڪل ٿي سگهن ٿا، مگر هڪ چڪر سان ڪڏهن به نه ٿيندا"

"پوءِ؟"

".هڪ نوجوان چوڪري کي پيٽ سان ٿيڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ست کان اٺ چڪر گهرجن"

ماشاء الله، توهان جو به ته چڱو تجربو ٿيل آهي ٻيو؟"

منهنجو نه، اهي لفظ ته تنهنجي لاڏلي انيلا جا اٿيئي، جيڪا نشو ڪرڻ کان پوءِ چوندي آهي ته ڏهن "
"!مردن کي منهن ڏيڻ جي طاقت رکان ٿي

ڇا؟"

"انيلا ايئن ٿي چوي؟

"!جي ها تنهنجي لاڏلي ۾ وڏي گرمي ٿيئي" تڏهن ته تي تي يار ڪيو ويٺي آهي"

:مون چيو
"يار مهوش خدا جو ڪجهه خوف ڪر ڇو ٿي ڪنهن تي ايڏو وڏو الزام هڻين؟"

"!جويد" الزام ناهي اها حقيقت ٿيئي واقعي جام واسطا ٿيئي انيلا جا"

"چلو جي جام واسطا اٿس به پڌرا ٿي پوندا ڪاڏي ويندا ڀلا؟

"پر جي تنهنجا اهي حال رهيا ته پوءِ مشڪل آهي؟

چا ٿيو منهنجي حالن کي ؟

"!وڏو اعتبار جو ڪيو ويٺو آهين انيلا تي

.مان انيلا سان تازو مليو هئس، دل ۾ محبت ۽ احترام هيو. پر مهوش جا لفظ دل تي لڳا

مون ٿورو ڪاوڙ واري لهجي ۾ چيو: "يار مهوش، تون هر وقت انيلا جي خلاف مونکي چو ٿي "پڙڪائين؟

" پڙڪايان نٿي، تنهنجون اکيون کولڻ ٿي چاهيان. متان پوءِ دير سان خبر پئي، ۽ تنهنجي عزت تماشو ".بڻجي

مون بيحد جوش سان چيو: "مهوش! ٿورو سنڀالي ڳالهاءِ. مان پنهنجي عزت کي سنڀالڻ جي صلاحيت "!رکي سگهان ٿو

هوءَ وڏي نارمل انداز ۾ چيائين: "کوسا صاحب، ٿورو صبر. منهنجو چوڻ پلي نه ڪر، وقت اچڻ ڏي. "!جيڪڏهن انيلا توکي رت نه روئاريو ته مونکي چئجان

مون چيو: "ٺيڪ آهي، ڏسنداسين. اچا ته شادي ۾ وقت پيو آهي. تيسين ته سڀ ڪجهه واضح ٿي ويندو ".ته ڪير سچو آهي ۽ ڪير ڪوڙو

".ها، ها. پلي، آرام سان اندازو لڳاءِ. عنقريب انيلا جون سچايون تو سامهون آئينديس"

"!ها ٺيڪ آهي"

"!چلو، ڪريو ڪوشش. مان تيار آهيان"

مهوش سان ڪچهريون ڪندي ڪندي گهر پهتس مهوش کان موڪلائيي سمهڻ جي ڪوشش ڪيم .. مگر مهوش جون چيل ڳالهيون چڙ تي ڪنهن ڪان جيئان دل کي چڀي رهيون هيون

چو ته ڳالهه وڏي پريشاني جي هئي هڪ پاسي انيلا سان رشتو ٽيڻ وارو هو ته ٻي پاسي مهوش جا "!سنگين الزام جيڪي وڏي الجهن ۾ وجهي رهيا هئا

"سوچيم ته انيلا کان پڇي به ته نٿو سگهجي ته اصل ڇا حقيقت آهي؟

"۽ آخر مهوش ڇا ٿي چاهي؟

. نيٺ صبر نه ٿيو انيلا کي ميسج ڪيم

## المنظر تي آئون اڪيلو 21

رات جي نيم خاموشيءَ ۾ اڪيلو ۽ وهمن جي واچوڙن ۾، جڏهن هر ڪو پنهنجي ننڊ ۾ وسامي چڪو هو، مون انيلا کي ميسج ڪيو. جواب ڏيڍ ۾ ٿوري دير ٿي،

پر مان بيچين هئس... ۽ ان سان گڏ ڪاوڙ ۾ به هئس،

".وري پيو ميسج لکيم

"...انيلا، مان توسان آهيان"

.منهنجي لفظن ۾ محبت هئي، پر دل ۾ ڪاوڙ جو پاڇو به

"جي جي، حڪم ڪيو. خير ته آهي؟"

.هوءَ هميشه وانگر نرميءَ سان پڇي پئي

"چا تون فري آهين؟"

"...جي ها، پر رپورٽون ٺاهي رهي هئس"

"مون چيو، "انهن ۾ منهنجي مؤت جي به رپورٽ ٺاهي جمع ڪرائي ڇڏ؟

( هاهاهاهاها )

"...هوءَ کلندي چيائين، "جاويد، ٿيو ڇا آهي؟ سڌي ڳالهه ڪر

"!مونکي اڳيئي ڪاوڙ هئي ويتر سندس کلڻ تي اندر ۾ باھ ڀڙڪي ٻري

".توهان سان ڪال تي ڳالهائڻو آ؟"

.پر سندس زندگيءَ ۾ ان لمحي رش هئي، ٽيم سان گڏ هئي، ڪم ۾ ٻڌي پئي هئي
هوءَ سمجهائڻ لڳي، "جاويد، ريپورٽون ٺاهي رهي آهيان،

"سمجهين پيو نه ؟

:مون پنهنجي تڪليف کي لفظن جو ڏانءَ ڏنو
"!چلو، تون ريپورٽون ٺاه. ۽ ها، آئينده مونکي ميسج نه ڪجان"

هوءَ حيران ٿي پڇي پئي،
جاويد؟"
"توهان ڇا چئي رهيا آهيو؟

:مون صرف لکيو
".ميسج نه ڪجان مونکي"

.اهو ئي لمحو هو، جڏهن اندر ۾ ڪجهه ٽٽڻ لڳو هو

.دل ۾ ڄڻ ڪارو بادل ڇانئجي ويو هو

انيلا خاموش نه رهي،
:اڌ ڪلاڪ کان پوءِ سندس ميسج آيو
"...جاويد، ڇا ٿيو؟ مان هاڻ فري ٿي آهيان. جلدي ڪال ڪر"

.مون ميسج پڙهي، موبائيل رکي ڇڏيو
:وري ميسج آيو
"جاويد، ناراض آهين ڇا؟"

.مون خاموشيءَ کي پنهنجو جواب بڻايو
.هوءَ بيچين ٿي وئي، ڪال آئي
:پهرين نه کنيم، ٻي ڪال تي وراڻيم

"ڪتي، توکي منع ڪئي هئي نه ته مونکي ڪال نه ڪجان! پوءِ ڇو ڪال ڪئي ؟"

هوءَ ٿرٿلي ۾ پئجي وئي،
"...جاويد، ڇا ٿيو؟ ٻڌاءِ ته سهي"

"!بس، جيڪو ٿيڻو هو سو ٿي ويو. هاڻ ڪال بند ڪر، ۽ آئينده مونکي ڪال نه ڪجان"

.مون ڪال بند ڪري ڇڏي، پر هوءَ به رکڻ واري نه هئي

:وري ميسج آيو
"...جاويد، پليز، منهنجي مجبورين کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر"

.مون وري به دل تي پٿر رکي، ڪو جواب نه ڏنو

:نيٺ لکي ويئي
"...اڇوڪي غلطي معاف ڪر. آئينده ايئن نه ٿيندو"

ڇو ته سندس ڪو ڏوهه نه هيو بلڪل هوء مجبور هئي ان ڪري

.دل نرم ٿي

".پر انيلا، آئيندا... اهڙو رويو نه هئڻ کپي؟"

".ٻيلي نه ٿيندو بابا، ڪڏهن به نه ٿيندو... رڳو اڄ معاف ڪر"

".چلو، معاف ٿي"

"سچي؟"

".جي ها"

"!پوءِ هاڻ ڪال ڪر نه"

"تون پاڻ چو نٿي ڪرين؟"

".او، سو سوري... چلو سائين  مان پاڻ ٿي ڪيان"

ڪال آئي،

..۽ سندس آواز ۾ ڪاوڙ نه هئي، پر پيار هو، خوف هو ته ڪٿي مان وڃان نه، رسي

"جاويد، حڪم ڪر. ڇا ڳالهه آهي؟"

".بس، يار، ڪم هو. هاڻ ڪافي دير ٿي وئي آهي، صبح ٻڌائيندس"

"پليز، ٻڌاءِ ته ڇا ڳالهه هئي؟"

".نه، هاڻ ڇڏ، صبح ٻڌائيندس"

"جاويد؟"

"...جي"

" چريا، مورڳو، ساھ ڪڍيو ھئي ... اھڙيون ڳالھيون نه ڪندو ڪر... سچي ھيء تنھنجي انيلا مري ويندئي!"

.مون کلڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندس لفظن جي چنڪ سان چڻ دل روئڻ لڳي

...ھوءَ روئي پئي

.نيٺ واعدا وچن ڏيئي وڏي مشڪل سان کيس ماٺ ڪرايم ته آئيندا اھڙي ڳالھ نه ٿيندي

. رات جو آخري پھر ھو " موبائيل ۾ وقت ڏٺم ته رات جا ٽي ٿي رھيا آھن

:مون چيو

".ھاڻ آرام ڪر، صبح جو ڪچھري ڪنداسين"

.ھوءَ سمھي پئي

.مان جاڳندو ۽ سوچيندو رھيس

ته آخر غلط ڪير آھي؟

"انيلا يا مھوش .؟

...ايندڙ صبح جي اميد ۾، نئين سچ جي تلاش ۾

.مون کي لڳو... انيلا سچي آھي

.مون جڏهن ڪيس رد ڪيو، هوءَ ٽرٽلي ۾ اچي وئي

.جيڪو سچو هوندو آهي، تنهن جي اک ۾ تڪليف جو پاڻيءَ ڏسڻ لاء ملندو آهي

مهوش...؟
.شايد ڪوڙي آهي
.شايد الزام هٽي رهي آهي
.شايد حسد جي باهه ۾ ڏسي رهي آهي

.ڪاوڙ ۾، مهوش کي ٽي ميسيج ڪيم
.جواب ڪو نه آيو

...هاڻ فقط صبح جو انتظار آهي
.جنهن ۾ سچ جا رستا پاڻ ظاهر ٿيندا

# المنظر  تي آيون اڪيلو 22

صبح جا شعاع اچا بيهوشيءَ مان نه نڪتا هئا، پر منهنجي دل جا راز بي نقاب ٿي چڪا هئا.

سڇي رات جي جاڳ، انيلا جي آواز، سندس لڙڪن، سندس هر هڪ لفظ منهنجي اندر ۾ ايترو ته تاثر ڇڏي ويا هيا، جو مان پنهنجي اصل حقيقت سان جڙجي ويس.

...انيلا سچي هئي

۽ مهوش... شايد حسد جي باهه ۾ جلندڙ، الزام هڻندڙ، ۽ بي سبب وڇوڙي جي رستو ٺاهيندڙ هئي.

صبح جو مون موبائل کنيو. دل ۾ ڪاوڙ هئي، پر آواز اندر ساگر وانگر خاموشي.

:مهوش کي ميسيج لکڻ شروع ڪيم

...مهوش، تون جيڪا ڳالهه ڪئي" <

جنهن بي بنياد الزام سان منهنجي انيلا جي بار بار بي عزتي ڪئي، سو قابل مذمت جوڳو عمل آهي.
دل ٿي چيئي ته توکي ماري واڏو واهه ۾ لاش لوڙهي ڇڏيائين هوند.

!پر وري به معاف ٿو ڪيائين، ڇا ياد ڪنديء

مون ان وقت ان ڪري به خاموشي اختيار ڪئي هئي،

"...ڇو ته توکي سمجهڻ جي آخري اميد هئي

پر مهوش، توهان جي سوچ تي افسوس اٿم ته توهان ايڏو وڏو الزام هڻي ويا پنهنجي ساٿي تي ۽ ان " <
جي عزت تي بار بار وار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

مون چاتو ته لفظن جو وزن پي دل کي ڪڏهن ڪڏهن ويڪر ڏيئي ڇڏيندو آهي.

:پر اڄ مان توکي چوان ٿو

تون پنهنجي سوچن جي گندگيءَ سان منهنجي محبت کي بدنام ڪرڻ جي بي بنياد ڪوشش ڪئي.

۽ انيلا تي گهٽيا قسم جا الزام هنيا،

...توکي خبر آهي جنهن سان مان دل سان پيار ڪندو آهيان

"سو مهوش، تو ان رشتو ٽوڙڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي، جيڪا اڄ ظاهر ٿي پيئي.

:هڪ پل لاءِ خاموشي، پوءِ وري لکيم

– مهوش، اڄ مان توکان صرف هڪ ئي ڳالهه ٿو گھران" <

...معافي

ها، معافي اُن الزامن لاءِ،

جن منهنجي ايمان، منهنجي بيگناهيءَ،

۽ منهنجي محبت کي بدنام ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي.

تنهنجو غرور، تنهنجي شڪ،

"۽ تنهنجي سازش مان ئي هينئر اسان جي وچ ۾ قبر جيتري خاموشي پيدا ٿي آهي.

۽ رات جڏهن ته مان خودڪشي ڪرڻ تي پهتو هئس، جيڪر انيلا مونکي فون نه ڪري ها، ته شايد ٿوري دير کان پوء منهنجو لاش اوهان جي اسپتال جي ڪنهن سرد خاني ۾ پيل ڏسين ها.

مون جيتوڻيڪ سخت لفظ لکيا هئا، پر اها سختي منهنجي زخمن مان وهندڙ رت هئي.

۽ ها،" <

...هي ميسيج

منهنجو توسان جڙيل سپني رشتن جو آخري باب آهي.

نه مان توکي ڪال ڪندس،

نه ڪو ميسيج،

۽ نه ئي وري ڪا وضاحت گھُرندس.

"تون پنهنجي راهه، ۽ مان پنهنجي راهه

> "الله حافظ، مهوش –
"همیشه لاءِ!"

موبائيل بند ڪيو، دل چڱ هوريان هوريان هلڪي ٿيڻ لڳي.
ڪي غم اهڙا هوندا آهن، جيڪي وڃڻ کان پوءِ، رڳو اندر خالي نه پر پاڪ به ڪري ڇڏيندا آهن.

اجا ويٺو هئس، ته موبائل وري وڃي پيو.
مهوش جو ميسيج آيو:

> "جويد، مان شرمينده آهيان...
مونکي معاف ڪر، مان تڪليف ۾ هئس،
مونکي ڊپ هو... توکي وڃائڻ جو،
سو مان توکي حاصل ڪرڻ پئي چاهيو."
مان غلط سمجهي ويٺي هئس او هان کي،
بس، حسد کان پاڻ کي روڪي نه سگهيم...
مهرباني ڪري، هڪ ڀيرو، صرف هڪ ڀيرو معاف ڪر!"

مون ميسيج پڙهيو.
هوءَ معافي وٺي رهي هئي، پر اهو وقت لنگهي چڪو هو.

> "مون چيو:
سوري مهوش، شايد توهان الاهي دير ڪري ڇڏي معافي گهرڻ ۾.
ها پليز، مونکي ميسج نه ڪر."

ڪڏهن ڪڏهن معافي گهرڻ ۾ انسان دير ڪري ڇڏيندو آهي،
جنهن وقت ب دلون ڏار ٿي چڪيون هونديون آهن.

...هاڻ مان انيلا لاءِ هئس

هڪ سچي محبت، هڪ بي لوث احساس.

اُن لمحي، موبائيل ٻيهر وڄي پيو – انيلا جي ڪال هئي.

:ڪال ڪٽي، مون نرميءَ سان چيو

"...انيلا"

"...جي بابا"

انيلا ڪيئن آهيو توهان، ۽ ها رات جيڪي ڳالهه ٿي ان لاء وري به سوري ڪندس."

...۽ هاڻ، نه ڪا ماضي، نه ڪو ڏک

"رڳو تون، مان، ۽ اسان جي سچائي.

:هوءَ ڪجهه پل خاموش رهي، پوءِ چيائين

جاويد، مونکي لڳي ٿو،"

"...تون منهنجي نه پر منهنجي نصيب جو فيصلو آهين

:مون مُسڪرايو، ۽ چيومانس

تون به نه منهنجي قسمت جو ورق آهين، چري،"

"جنهن تي مان دل سان پنهنجو نالو لکيو آهي.

رات جي گذرڻ کان بعد،

هاڻ نئين سج جي شروعات هئي.

– نئي محبت جي شروعات هئي، جنهن جي وچ ۾ هاڻ ڪير به نه هو

صرف انيلا ۽ جاويد.

:مونکان انيلا پڇي پئي
جاويد، هاڻ ٻڌا، رات ڪهڙي ڳالھ ٿي ڪئي؟"
۽ ايڏي ڪاوڙ ۾ تون ڇو هئين؟
"اڄ ڪان پهرين ڪڏهن به توکي مون ايڏي ڪاوڙ ۾ نه ڏٺو هو، سو ڇا ٿيو هو رات؟

:مون گهڻو ئي ڳالهه ٽارڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر انيلا چيو
"بلڪل ٻڌائڻو پوندو-"

مجبورن، انيلا سان حقيقت ڪرڻي پئي-

:مون چيو
...انيلا، پڇين ٿي ته ٻڌ"
مان جيڪو ڪالھ رات اچانڪ آيو هس،
"توهان کي خبر آهي مونکي ڪنهن گهرايو هو؟

"!نه"
"ٻڌايو، ڪنهن گهرايو هو؟"
"توهان جي لاڏلي سهيلي، مهوش-"

"پر ڇو؟"

ها، ان لاء ته مهوش مونکي ڪافي عرصو اڳ اوهان جي باري ۾ چيو هو،"
ته تنهنجا ٿي بوائي فرينڊ اور به آهن،
"۽ تون ڪمري تي انهن سان ملڻ ويندي آهين-

ان ڪري رات جڏهن تون اسپتال مان نڪتي هئين ته مهوش مونکي فون ڪري گهرايو ته انيلا
"!ڪمري تي چوڪرن سان ملڻ لاء وئي اٿئي

"اڇا! مهوش ايئن چيو؟ توهان ڪي؟ پر ڪڏهن؟"
مهوش مونکي پهرين رات ايئن چيو هو توهان جي باري ۾،"
"جڏهن توهان مهوش ڪي مون وٽ ڇڏي ويا هئا.

"اڇا جاويد؟"
"جي؟"

پر توهان ايترو وقت مونکان ڳالھ لڪائيندا رهيؤ؟"
۽ توهان ڪي مون تي يقين نه،
"مونکان وڌيڪ مهوش تي يقين هو نه؟

مون چيو: سوري انيلا،"
"مگر مهوش بار بار قسم پئي کنيا، سو مان ڇا ڪيان ها؟

جاويد، مهوش جي اها پراڻي عادت رهي آهي،"
مونکي مهوش تي ٽڪي جو به اعتبار ناهي،
مگر مونکي اوهان تي ضرور يقين هو،
"مگر شايد سا به منهنجي وڏي غلطي هئي.

انيلا جا اهي لفظ ڄڻ ڪنهن زور دار تير جئيان منهنجي دل کي چيري،
ڦاڙي منهنجي دل مان نڪري ڪراس ڪري ويا هئا.

مان شرم ۾ ٻڏي ويس ۽ سندس اڳيان پينو ٻڌجي معافيون گهرندو رهيس ته انيلا مونکي پليز معاف
ڪر...

انيلا هڪ ڏک ڀري انداز ۾ سڏڪندڙ لفظن سان ڪال بند ڪري هلي وئي.

# المنظر تي آئون اڪيلو 23

انيلا جي اوچتي ڪال بند ٿيڻ، چڻ مون لاءِ هزارين سوال ڇڏي وئي هئي. دل سوچيندي رهي ڇا هوءَ ناراض ٿي وئي؟ ڇا هاڻ هوءَ مون سان نه ڳالهائيندي ؟ ڇا مان ڪيس ميسيج ڪيان يا نه؟ سڀ ڪجهه چڻ ذنذ ۾ لڪيل هو، دل تان گڙگڙندڙ خيالن مان ڪو به رستو نظر نه پئي آيو.

صبح جي لالاڻ سان سج نڪرڻ لڳو. دل جي گجگوڙ مان نڪري، مان به گهر ڇڏيم. ٻاهر نڪتس، رستو ورتم ٻنيءَ ڏانهن. اتان چاچا فيض مون کي ڏسي حيران ٿيو، چيائين:

" مجيري خير ته آهي؟ اڄ صبح سيور ٻني جو رخ ڪيئن ڪيو اٿو؟ يا ڪاڏي وڏي مجيري ته ڪون موڪليو اٿو؟"

مون زوري مسڪراهٽ چپن تي آندي، چيومانس: "نه يار چاچا، ائين ئي هليو آيس."

پر چاچا، جيڪو منهنجي اکين جي اداسي پڙهي چڪو هو، سنجيدگيءَ سان چيائين:

"وڏو پريشان ٿو لڳين، خير ته آهي؟"

مون گهري ساهه کنيو، چيو:

"چاچا، خير ته آهي... بس، انسان آهي، ڪڏهن ڪڏهن دل تي پريشاني اچي پوي ٿي."

چاچا اچي منهنجي پر ۾ ويٺو، نرميءَ سان پڇيائين:

"ڇا ٿيو پٽ؟"

مون پڪ سان چيومانس:

"چاچا، جي بابا سان ڳالهه نه ڪرين ته توکي ٻڌايان به سهي؟"

چاچا ٿڌو ساهه پري چيو:

"چگو، ٻڌاءِ، ڇا ڳالھ آهي؟"

مون آھ ڀري چيو:

"چاچا، ڪا شهري ڇوڪري هئي، جنهن سان گهڻو وقت ڳالھ ٻولھ، احساس، محبت جو تعلق رهيو. پر اوچتو، ٻي ڇوڪري وچ ۾ اچي وئي... اختلاف ٿيا، دلين ۾ ويراڻيون وسامي ويون. اڄ صبح هوءَ ناراض ٿي وئي. سوچيم ته گهر وينس ته سيني کي خبر پئجي ويندي، تنهنڪري ٻني طرف نڪري آيس."

چاچا ٿورو سوچڻ بعد مرڪندي چيو:

"پٽ، اهي عشق جا قصا منهنجي سمجھ کان مٿي آهن. مان ته وڃان ٿو پنهنجو ڪم ڪرڻ. باقي تون اڄاڻ تنهنجو ڪم ڄاڻ ڄاڻي!"

اهو چئي، چاچا ته ويو هليو، پر مان اُتي ئي ويٺو رهيس، ويچار جي ڏٻڻ ۾ ٻڏل. دل چوندي رهي ڪال ڪيان؟ نه ڪيان؟ نيٺ دل کي ڏڪ ڏئي ڪال ڪئي... پر بزي هئي. ساھ سُڪي ويو. پوءِ ميسيج لکيم:

"انيلا يار، ڇا ٿيو؟ بس غلطي ٿي وئي جو توسان ڳالھ نه ڪيم."

ڪجھ پوءِ... جا جواب آيو، اُهو منهنجي دل جي ڌڙڪنن کي ڇڻ روڪي ڇڏيو هو:

"جاويد، تون ان کي ننڍڙي غلطي پيو سمجهين؟ مهوش مون تي الزام هنيو، ۽ تو ٻڌايو به نه! ۽ پوءِ مهوش سان گڏجي منهنجي پويان هلندو رهين؟ مونکان لڪندو رهين؟ توکي مون کان وڌيڪ مهوش تي يقين آيو؟!"

مون ساھ کڻي، لفظن ۾ پڇتاوا ڀري لکيو:

"سوري بابا، غلطي ٿي وئي. پر اڄ توسان ڳالهائي رهيو آهيان، مهوش تي يقين هجي ها ته اڄ توسان ڳالهه به نه ڪيان ها."

اهي لفظ، ڄڻ سندس زخمن تي مرهم ٿي پيا. چيائين:

"ٺيڪ آهي، تو ٻڌايو ته سهي، پر دير سان ڇو؟"

:مون چيو

سچي، دير ٿي وئي... پر پوء به بهتر پلا دير سان ئي سچ ته سامهون آيو. مهوش جي حقيقت سامهون "
.آئي

.ها جاويد اها پنجابي ڇوڪري آهي، اڳ به ساڳين ڪمن ۾ رهي آهي

ان ڪري  اسان جي ٽيم مان ڪيس ڪڍيو ويو هو. وري به ڪو ڊاڪٽر سندس مٿان مهربان هو تنهن
".سفارش تي وري رکرائيي، سو وري ساڳيا ڪم شروع ڪيا اٿس

:آخرڪار، ڳالهين سان دلاسا ڏيندي ڪيس پرچايم، پر پرچڻ کان پوءِ چيائين

"جاويد، هاڻ ڪا به ڳالهه مونکان نه لڪائيندين نه؟"

:مون چيو

ڪڏهن به نه! اهو ته خبر ناهي ڪئين مهوش جي ڏوڪي ۾ اچي ويو هئس... نه ته مان ڪنهن تي به "
".يقين نٿو ڪريان

:سندس آخري جملي منهنجي دل کي چمڪائي ڇڏيو

"ها، پوءِ هاڻ ڪڏهن ايندين المنظر تي؟"

:مون پڇيو

"جڏهن چوين، اڄ اچان؟"

:کلندي چيائين

"!نه، اڄ نه. ايندڙ آچر تي اچجانءِ. پر ها، منهنجي لاءِ ديسي گيهه وٺي اچجانءِ"

:مون سڏي چيو

"!جي سائين، حاضر"

۽ پوءِ... منظر بدلجي ويو. مان ويٺو هوس، اُها ئي ڌرتي، اُهو ئي آسمان، پر دل ۾ هاڻ ڪو آسرو، ڪو ساهه جيان ساٿ هو.

# المنظر تي آئون اڪيلو 24

هڪ نئين اميد ۽ خوشي سان موٽي گهر آيس. هاڻ ڏاڍو خوش به آهيان ته اداس به آهيان، ڇو ته آچر اچڻ ۾ اڃا پورا پنج ڏينهن پيا آهن. سي پنج ڏينهن ڪيئن گذرندا؟ منهنجي لاءِ هر پل ڇڻ صديءَ جيترو . ڊگهو هيو

.انيلا سان ٿيندڙ ڳالهيون هر رات دل کي ساهه ڏينديون هيون، هڪ نئين اميد پيدا ڪنديون هيون

.رات جو ڏهين لڳي، فون وڄيو. اسڪرين تي انيلا جو نالو چمڪيو. دل خوشيءَ سان پرجي ويئي

"هيلو، انيلا؟"

"جاويد، مصروف ته نه آهين؟"

"!نه يار، تو لاءِ ته سدائين فارغ آهيان، شهزادي"

.هوءَ هڪ پل لاء مرڪي، پر پوءِ ساڳي مرڪ ۾ ڪجهه اداسي لڪيل ضرور هئي

شهزادي، پليز... مهوش جو نالو وري زبان تي نه آڻجانءِ. جاويد، مان ڪوشش ته ڪري رهي " آهيان سڀ وسارڻ جي، پر ڪڏهن ڪڏهن انسان ڪجهه ڳالهيون وساري نٿو سگهي، صرف خاموش ".ٿي وڃي ٿو

:مون نرم لهجي ۾ چيو

انيلا، توکي ته خبر آهي، مان هاڻ توکانسواءِ ڪنهن تي به ڀروسو نٿو ڪريان، نه ئي ڪڏهن " ".ڪندس

" اهڙو نه چؤ جاويد، ماڻهو جيڪي چون ٿا، سو هميشه نه هوندو آهي. پر تو وري به مون تي اعتماد ڪيو آهي، اهو مون لاءِ سڀ ڪجهه آهي."

هوءَ اوچتو خاموش ٿي وئي، پوءِ آهستي چيو:

" جاويد، تون منهنجي زندگيءَ جو واحد ماڻهو آهين، جنهن تي مون بيحد ڀروسو ڪيو. پر شايد... مان پاڻ تي هميشه پختو نه رهي سگهيس."

"انيلا؟ تون ٺيڪ ته آهين نه؟"

" جي جاويد، مان بلڪل ٺيڪ آهيان. بس... ڪڏهن ڪڏهن اندر ۾ وڏو شور هوندو آهي، پر ٻاهر سڀ ٺيڪ لڳندو آهي. توکي لڳو ته مان ناراض هيس، پر جاويد، ائين ناهي. حقيقت ۾ مان ٿڪي رهي هيس..."

مون چيو:

"انيلا، مان آهيان نه؟ سدائين تنهنجي پر ۾، توکي حوصلو ڏيڻ لاءِ."

هڪ پل لاءِ هوءَ ماٺ رهي، پوءِ چيائين:

" جاويد، جيڪڏهن مان هڪ ڏينهن اوچتو هلي وڃان... ته ياد رکجانءِ، مان توسان بيحد پيار ڪندي هيس. ۽ اهو افسوس رهندو ته مان اهو توکي وقت تي ٻڌائي نه سگهيس."

مون ڳالهه کي مذاق ڏانهن موڙڻ جي ڪوشش ڪئي:

"شهزادي اهڙي اداسيءَ سان ڳالهه نه ڪر يار، اجا ته مون کي تنهنجي لاءِ ديسي گيهه وٺڻو آهي!"

انيلا ڇڻ ته زوريءَ سان ڪلڻ جي ڪوشش ڪئي، پر آواز ۾ سوز هو ڏک هو... ۽ پوءِ ڪال اوچتو بند ٿي وئي.

مون وري ڪال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندس نمبر بند هو.

مان ڪافي پيرا نمبر ملائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس، پر نمبر بند هو. پريشاني به وڌي وئي ته الائي ڇا ٿيو؟ مگر اڌ رات جو ڪري به ڇا ٿي سگهيس؟

مهوش هئي، سو تنهن سان ته قسم ڪٽي ڇڻ واسطا ختم ڪيا هئا، تنهن ڪي به ڪال ته نٿي ڪري سگهيس.

نيٺ ڪافي دير ٿي چڪي هئي، مون ڪافي پيرا ڪال ملائڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر نمبر بند... نيٺ موبائيل پاسي تي رکي، اڌ اکيون ڪليل سمهي رهيس.

رات جا ٽي ٿي رهيا هئا، موبائيل وڄڻ لڳو. ڪٽي ڏٺم ته انيلا جو نمبر هو. يڪدم ڇڻ ته جسم ۾ جان اچي وئي، اٿي ويهي رهيس، ڪال ڪنيم.

"ڇا ٿيو هو انيلا؟"

"...يار، اچانڪ موبائيل بند ٿي ويو، الائي ڇا ٿي ويس"

"اڇا، پوءِ هاڻ هي موبائيل ڪنهن جو آ؟"

"...هي ٻي ڇوڪريءَ جو موبائيل آهي"

مون چيو:

"!ايڏي تڪليف ڇو ڪئي؟ ڪو مسئلو ڪونه هو، صبح جو ڳالهائي وٺون ها پلا"

"نه يار، سوچيم جاويد اڄ ئي پريشان گهڻو ڪيم. ان ڪري وڌيڪ پريشان هوندو، سو ڪهڙي حال ۾ به کيس ٻڌايان ته اچانڪ موبائيل بند ٿي ويو. ٻيو ڪو مسئلو ناهي."

"چلو، الله پاڪ رحم ڪندو. مهرباني، توهان ٻڌايو، نه ته واقعي مان وڏو پريشان هيس. ٺيڪ ٿيو، جو ٻڌايو اٿو مهرباني توهان جي."

"ء ها جاويد هاڻ پريشان نه ٿجان ؟"

"جي نه شهزادي هاڻ پريشاني ڇا جي ؟"

"اوڪي هاڻ سمهي رهو سڪون سان!"

ڪجھ ڏينهن گذريا ان خوف ۾ ته الائي انيلا ناراض آهي يا الائي ته نه. ..... هاڻ وڌيڪ اها خبر آچر جي ڏينهن پوندي، جڏهن پنهنجي محبوب کي سامهون ڏسندس ۽ ان جي اکين ۾ پنهنجي محبت کي تلاش ڪندس ته اها ئي محبت آهي يا نه...

هڪ رات 8 بجي ڌاري اسان جي ڪچهري ٿي پئي. انيلا چيو:

"ٺيڪ آهي، مان بزي آهيان، ٿوري دير کان پوءِ پاڻ ڪچهري ڪريون ٿا."

ائين چئي ڪال ڪٽي ڇڏي.

منهنجي به ماني جو ٽائيم پيُي ٿيو، سو ماني کائي فارغ ٿيس. ڪجھ منٽن کان پوءِ کيس ميسيج ڪيوم:

"I Miss U"

"سچي؟"

".جي ها انيلا"

"...اوڪي، مان اچان ٿي ٿوري دير ۾، توهان ويٺ ڪيو"

"...اوڪي شهزادي"

.مان انتظار ۾ ويهي ويس. نيٺ رات جا اچي ڏهه ٿيا، مگر انيلا جي طرفان ڪو به ميسيج نه آيو

مون پاڻ سندس نمبر تي ميسيج ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. رپلاءِ نه اچڻ تي ڪال ڪئي. هڪ خوف پري انداز ۾ هڪ ٻي ڇوڪري ڪال کنئي.

"!ڪال نه ڪيو، انيلا جي طبيعت صفا سيريس آهي"

ائين چئي ڪال بند ڪري ڇڏي

# المنظر تي آئون اڪيلو 25

اچانڪ لفظ "سيريس" ٻڌڻ سان ئي، مون کي ڄڻ ته هڪ واءُ اچي وڄائي ڇڏيو—پيرن هيٺان زمين نڪري ويئي.

منهنجي ساهن جي رفتار وڌي وئي. دل ڄڻ ڇاتيءَ مان نڪري ويندي ائين پئي محسوس ٿي رهيو هو.

مون وري ڪال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته تصديق ته ڪيان، آخر ٿيو ڇا آهي... مگر ڪال بزي ڪري، نيٺ نمبر بند ڪري ڇڏيو.

پريشاني حد کان وڌي ويئي. لالا موسا کي چيم:

"لالا، گاڏي پهچا، پر يار! تمام جلدي... ايمرجنسي آهي."

لالا کي جس هجي، بنا ڪنهن دير جي گاڏي ڪاهي آيو. پر گڏ هلڻ لاءِ به چيائين:

"جي چوين ته گڏ به هلان؟"

مون چيو:

"نه، توهان جي مهرباني، مان پاڻ وڃان ٿو."

گاڏي وٺي نڪتس، بنا ڪنهن دير جي سول اسپتال پهتس.

رات جا ٻارنهن لڳي چڪا هئا. مان بيحال، بي ترتيب قدم کڻندو، اسپتال جي ڪوري ڊور مان گذرندو، انيلا جي وارڊ تائين پهتس.

دروازي تي نرس بيٺل هئي. مونکي اندر وڃڻ کان روڪيو، پر مان ضد ڪندي چيو:

"پليز ميم، مونکي وڃڻ ڏيو... مان سندس پنهنجو آهيان... مونکي رڳو هڪ پل لاءِ ڏسڻ ڏيو."

نرس مونکي ڏنو، ڇڻ ته هن جي اکين ۾ به همدردي هئي. پوءِ هوءَ ٿورو پاسي ٿي وئي.

مان آهستگي سان ڪمري اندر ويس.

انيلا کي آڪسيجن ماسڪ لڳل هو. سندس ماءُ ۽ پيءُ بيڊ کي گهيري بيٺا هئا. سوڙهو ساهه کڻي رهي هئي. سندس چهري جو رنگ زرد هو، پر جڏهن هن جي نيم اکين مونکي ڏٺو، ته ڄڻ اندر جي روشني وري پڙڪي پئي.

مون سندس هٿ پنهنجن هٿن ۾ ورتو.

هوءَ ڪوشش ڪندي، ٿڪ ٿڪ ڪندي چوڻ لڳي:

"... جاويد... مونکي معاف ڪجان... مان توسان نڀائي نه سگهيس يار"

ساهه کڻڻ مشڪل ٿي پئي هيس، پر لفظ هر حال ۾ ادا ڪرڻ چاهيندي رهي:

"...مونکي معاف ڪجان... جاويد... ۽... منهنجي قاتل کي ڪڏهن به معاف نه ڪجان"

"مون وڏي جزبي سان پڇيو" انيلا توهان جو قاتل ڪير آ ؟ "

"! هبڪندي هبڪندي چيائين" جاويد توکي خبر آهي"

منهنجي اکين مان ڳوڙها وهي پيا. مان سندس هٿ چمندي آٿت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته چوڻ لڳي:

"...جاويد، مان هاڻ ختم ٿي چڪي آهيان... تون ڪافي دير ڪري آئين"

"...شهزادي! ائين نه ڪر... توکي ڪجهه به نه ٿيندو"

...پر سندس هٿ آهستي آهستي ٿڌا ٿيندا ويا

.سندس اکين ۾ اڪير هئي، محبت هئي، ۽ ها... الوداع جو سڏ به هو

.اها نظر، اها چهاءُ، اها آخري پٽڪ... منهنجي روح کي چڻ جهوري وئي

انيلا جو وجود، جيڪو هاڻي صرف هڪ ياد بڻجي ويو هو، اسپتال جي بيڊ تي خاموش پيو هو. مان گهڻو دير سندس هٿن کي چهندو رهيس، چڻ ته اهو لمس هميشه لاءِ محفوظ ڪريان پيو.

مان اپ ڏاريندڙ رڙين سان کيس بچائڻ جي چڻ هر ڪوشش ڪري رهيو هيس، پر شايد منهنجي هر ڪوشش ناڪام ٿي وئي. نيٺ، گهڻو شور ڪرڻ تي ڊاڪٽرن مونکي اسپتال مان ڪڍڻ جو چيو. ٻن چوڪيدارن مونکي ٻانهن کان جهلي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو...

هڪ اڻپوري محبت، هڪ اڌورو ساٿ، ۽ هزارين اڻ چيل سوال مون سان رهجي ويا هئا... جيڪي انيلا کي اڃا چوڻا هئا.

.قطعي يقين نه پيو اچي ته انيلا مونکي ڇڏي ويئي

.ڪجهه ڏينهن کان پوءِ، انيلا لاءِ ورتل ديسي گيهه کنيم... پوءِ، مان المنظر تي آيس

!....مونکي يقين هو ته منهنجي شهزادي ضرور ايندي. انيلا چوي ۽ نه اچي اهو ٿي نٿو سگهي

مونکي چيو هئائين ته آچر تي ملنداسين سو ضرور ملندي هوءَ مونکي ڪڏهن به ڇڏي نٿي سگهي. پر شايد، هوءَ ته مون سان گڏ هئي... مگر مان کيس ڇڏي ويو هئس.

...چڻ ته هوءَ المنظر تي ويهي، منهنجو انتظار ڪري رهي آهي، ۽ مان ڪونه آهيان

اهي ساڳيا رستا، ساڳيو پارڪ وڻن جي ٿڌڙي ڇانوَ ساڳي هوا، ساڳي جاءِ، جتي اسان آخري ڀيرو گڏ ويٺا هئاسين. پر هاڻ سڀ ڪجهه خالي خالي لڳي رهيو هو.

اکين ۾ ڳوڙهن ڏوڙ ۽ رڳي واري اڏامي رهي هئي.

سامهون حيدرآباد نظر پئي آيو جيڪو المنظر تان تمام وڻندڙ لڳندو آهي مگر اڄ ڪنهن ويران اجڙيل شهر جو ڏيک ڏيئي رهيو هو!"

مان خاموش ويٺو هئس. اکين آڏو، گهڻا جوڙا هٿن ۾ هٿ ڏيئي گهمي رهيا هئا ٿهڪ ٽاڙا خوشيون هڪ ٻئي کي ٿهڪ ڏيئي جهپيون پائڻ..

مان ڪنڌ ونئي ويٺو ڏسندو رهيس—پيار، کل، خوشيون... سڀ ڪجهه هوءَ پاڻ سان کڻي وئي هئي.

هاڻ المنظر تي منهنجو ڪير نه هو، نه ئي مونکي ڪير سڃاڻيندو هو ته مان ڪير آهيان...

هوا ۾ به انيلا جي خوشبو محسوس ٿي رهي هئي. لڳو ڄڻ ڪنهن پل تي هوءَ اچڻ واري آهي، ۽ پٺيان مان "شهزادي" چوندس ته مرڪي پوندي...!

مان ڪيس خوشي منجهان اهو به چوندس ته شهزادي توهان لاءِ مان تازو ديسي گيهه وٺي آيو آهيان ..!

سو به ڏسي ڏاڍي خوش ٿيندي چو ته!""

هوء اڪثر ديسي ۾ پراڻا ٿاهي کائڻ جي شوقين هئي ..!

اُهو المنظر، جتي اسان جي محبت جا قدم پيا هئا، اڄ اهو ئي المنظر منهنجي سڪ، منهنجي روئڻ جو گواهه بڻيو ويٺو هو.

مان آهستي آهستي پارڪ ۾ وڻ جي پرسان ويٺس، جتي انيلا ۽ مان اڳ به ويٺا هئاسين.

سندس يادون مونکي گهيري ويون.

"شهزادي، مان توکي وساري نه سگهندس... تون اڄ مون سان ناهين، پر تنهنجي محبت، تنهنجو آواز، تنهنجو آخري لمس، اڃا به منهنجي دل ۾ زنده آهي."

اهي لمحا... مونکي روئڻ تي مجبور ڪري ويا.

ڳوڙها منهنجي ڳلن تان وهي پيا. منهنجي اکين اڳيان سڀ ڌندلو ٿي ويو. انيلا جو عڪس منهنجي سامهون اچي ويو، ته مان وڏي زور سان انيلا کي چوڻ لڳس:

"انيلا... تون مون کي ڇو ڇڏي ويئي آهين؟ مونکي اڪيلو ڇو ڪري وئي آهين؟"

پر فضائن ۾ هاڻ صرف خاموشي هئي، ۽ مان... هڪ پريل منظر تي ويٺل اڪيلو شخص، جنهن جي هٿن مان سندس سموري دنيا نڪري وئي هئي.

انيلا لاء ورتل ديسي گيهه منهنجي هٿن ۾ هو ..

# المنظر تي آيون اڪيلو 26

...ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ

هر پل، هر ساعت منهنجي لاءِ هڪ عذاب بڻجي ويئي هئي. انيلا جي آواز، سندس هٿن جي نرم ڇهاءُ، سندس مرڪ، ۽ اُن آخري لمحي جا لفظ — ڇڻ منجهس سانديل زهر هئا، جيڪي آهستي آهستي منهنجي روح کي ساڙڻ لڳا هئا.

:۽ اڄ به، سندس اُها ئي ڳالهه منهنجي ذهن جي ڪنارن تي گونجي رهي هئي

"جاويد... منهنجي قاتل کي ڪڏهن به معاف نه ڪجان."

پر انيلا... تنهنجو قاتل آخر ڪير آهي؟

"...جاويد، توکي خبر آهي"

مونکي خبر آهي؟

"..جي ها"

سوچيم، مونکي ته ڪا خاص خبر ناهي. صرف مهوش ئي هئي، اها ايئن چو ڪندي پلا؟

ڪيس ڇا هٿ ايندو انيلا کي ختم ڪرڻ ۾؟

.ها، ضرور ڪي ڪجهه ڳجهيون ڳالهيون آهن، جيڪي منهنجي ذهن تي بار بڻجي ويون هيون

شايد انيلا مون کي منهنجي ماضيءَ جي ڪنهن غلطيءَ جي خد سزا ڏني؟

!يا شايد واقعي... مهوش

ڪير ٻڌائي؟ ڪير تصديق ڪري؟

انيلا جا گهر وارا؟

پر هو ته اڃا صدمي ۾ پڻ هوندا تن کان ڪيئن پڇجي، مونکي ڇا ٻڌائيندا؟

مان ته صرف سندس ماءُ سان ئي ٿوري گهڻي ڳالهه ٻولهه ڪئي هئي. ان کان اڳ، اسان جو رشتو چڻ شروع ئي ٿيو هو ته وقت اُهو سب ڪجهه کسي ويو...

انيلا جو روح چڻ المنظر تي منهنجو انتظار ڪري رهيو هو.

روز اُتي ويندو هئس، جتي اسين گڏ ويٺا هئاسين. پر هاڻ اُهو نئي ماڳ... اُهو نئي بينچ... مون سان چيخون پئي هنيو ته:

"جاويد، ڇا ڪيو تو منهنجي لاءِ؟"

اُهي جملا، اُهي سسڪيون... منهنجي ساهن سان چڻ زنجير ٻڌجي چنبڙي ويون هيون.

هڪ ڏينهن، مان خاموشي سان پنهنجي ڪمري ۾ ويٺو هئس ته سائره جو فون آيو:

"جاويد، مون وٽ ڪيس جي رپورٽ اچي وئي آهي..."

"سائره، جلد ٻڌاءِ، ڇا ٿيو هو منهنجي راڻي کي؟"

سائره جو آواز ڏک ۾ ٻُڏل هو:

" جاويد... انيلا کي قتل ڪيو ويو هو. اهو حادثو نه هو، نه دل جو دورو. هن کي زهريلو مادو ڏنو ويو، جيڪو آهستي آهستي سندس جسم ۾ ڦهلجي ويو... ۽ اهو زهر مهوش جي فليٽ مان مليو آهي!"

"مهوش جي فليٽ مان؟!"

ها، جاويد. پوليس وٽ انيلا جا وائس نوٽس آهن، جن ۾ مهوش کيس ڌمڪيون ڏئي رهي آهي. بلڪه "
:هڪ ويڊيو به آهي، جتي مهوش چئي رهي آهي

" '!تون جاويد کي نه ٿو کسي سگهين، انيلا! تون ختم ٿي ويندين'

.منهنجي اکين اڳيان اوندهه ڇانئجي ويئي

.سچ منهنجي سامهون بي نقاب ٿي ويو هو

:مون سائره کي ميسيج ڪيو

"سائره، تون منهنجو ساٿ ڏيندين؟"

"ڪهڙي ڪم ۾، جاويد؟"

"!انيلا جو پلاند وٺڻ ۾... مهوش کان"

"!جاويد، تون چريو ته ناهين؟ قانون آهي، عدالت آهي"

"تون چو ٿو هروڀرو پنهنجو سر وڃائين ؟ پاڻ ئي عدالت سزا ڏيندس.؟"

.قانون کان اڳ، انيلا جي آخري وصيت آهي منهنجي لاءِ"

!منهنجي راڻي چيو هو: سندس قاتل کي معاف نه ڪجان

".سائره، مان تڏهن ئي ساهه کڻندس، جڏهن کيس سزا ڏيندس

جاويد، مان چاهيان ٿي ته انصاف ٿئي، پر مان تنهنجو ساٿ نٿي ڏئي سگهان. مان افسوس سان "
"...معذرت ڪريان ٿي

".مون بيوسي مان خاموشي ئي اختيار ڪئي"

.ڪجهه ڏينهن بعد پوليس مهوش کي گرفتار ڪيو

.ڪافي وقت جيل ۾ رهي، پوءِ... شايد آزاد ٿي وئي

.اُن وقت تائين، مون ڪنهن سان به رابطو نه رکيو

نه ئي مونکي مهوش جي آزادي جي ڪا خبر هئي پر اتفاق ڪجھ عرصو اڳ جڏهن، مان پنهنجي پيڻ سان گڏ اسپتال ۾ هئس ته سائره ملي هئي تنهن ٻڌايو هو ته.

"...جاويد، مهوش جي ساڻس صلح ٿي ويئي آهي"

"صلح؟ ڪهڙي شرطن تي؟"

"...نه پڇ جاويد... مان شرمسار آهيان. توکي انصاف نٿي ڏياري سگهان"

"پوء هاڻ مهوش ڪٿي آهي؟ "

"...ٻي اسپتال ۾ ڊيوٽي ڪري ٿي"

"ايڊريس؟"

".سوري جاويد، مان نٿي ڏئي سگهان"

پنهنجي طرف کان ڪوشش هئي انيلا جو پلاند ڪرڻ جو مگر ڪو به اهڙو دوست نه مليو جيڪو " منهنجو ساٿ ڏي ها جو مان پنهنجي انيلا جو پلاند ڪري سگهان ها ..

.اڄ به، انيلا ته ناهي

.پر مان هر هفتي المنظر تي ويندو آهيان

...اُهو ساڳيو بينچ، ساڳيو ماڳ

جتي هاڻ صرف مان ويهندو آهيان،

...۽ انيلا جون يادون

جن جو ڪو پلاند ناهي،

...ڪو انصاف ناهي

صرف دک،

:۽ ساهن ۾ چلڪندڙ انهن آخري لفظن جو عذاب

"...جاويد، منهنجي قاتل کي ڪڏهن به معاف نه ڪجان"

**THE END**